ماهوار

# سُهڻي




سينيٽر اعجاز جتوئي
سان ڳالهه ٻولهه

نجم عباسي ۽ بن نون

ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون

امداد ۽ سحر امداد

جون رنگين تصويرون

جيڪي منجهه جهان

ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾

۽ ٻيو گهڻو ڪجهه

## بين الاقوامي

# سچل ڪانگريس

٢٦، ٢٧، ٢٨، ٢٩ نومبر ١٩٨٩ع



# Pakistan's most popular and convenient monthly income scheme






**Guaranteed monthly payment from the first month of deposit**

**Earn a care-free Rs.1100 per month on a 1 year deposit of Rs. 100,000**

**A unique/golden scheme for Pakistanis residents abroad.**

The rate of return on MICD-K deposits would be as under:

| INVESTMENT SUM | MONTHLY RETURN |
|---|---|
| Rs. 500,000 | Rs. 5,500 |
| Rs. 100,000 | Rs. 1,100 |
| Rs. 50,000 | Rs. 550 |
| Rs. 25,000 | Rs. 275 |
| Rs. 10,000 | Rs. 110 |

- Get your monthly instalment by cheque/demand draft or in cash.
- No collection worries.
- Maximum security of investment.
- Payment of monthly instalments means extra margin of profit.

The Monthly Income Certificate of Deposit (K) is the only scheme of its kind in Pakistan. Ideal for pensioners, widows, Pakistanis abroad, social and welfare organisations and those who need a regular monthly income.

Gul Hayat Institute

THE INVESTMENT BANK

NDFC

## NATIONAL DEVELOPMENT FINANCE CORPORATION

PNSC Building Moulvi Tamizuddin Khan Road P. O. Box No. 5094, KARACHI-2
Tel: 551076-79

Owned by the Govt. of Pakistan

BRANCHES

KARACHI i) Shaheen Commercial Complex, Tel: 522201 & 521101 ii) M.A. Jinnah Road Branch, Taj Complex, iii) P.E.C.H.S., 2/172 R, Tariq Road, Tel: 432709 & 446731 iv) Al-Karam Square, Tel: 682213 & 675932 v) KDA Civic Centre, Tel: 421439 & 421449 vi) Clifton, Hamilton Court, Tel: 538118 & 534012 vii) Shaheed-e-Millat Road, RSM Square, Tel: 446008-9 viii) Kharadar, 8/94, Adamjee Dawood Road, Tel: 236680 & 238822 ix) SMCH Society, Al-Noor Chambers, Tel: 449641. • HYDERABAD Gul Centre, Thandi Sarak, Tel: 24211 & 25811 • SUKKUR Rushna Centre, Clock Tower, Tel: 82226 • MIRPURKHAS M.A. Jinnah Road, Tel: 3804 • QUETTA Jinnah Road, Tel: 71117 • LAHORE i) Rafi Mansion, Shahrah-e-Quaid-i-Azam, Tel: 301754-55 & 301136 ii) Gulberg II, 7-A, Main Boulevard, Tel: 882489 & 870260-62 iii) 157-B, Ferozepur Road • FAISALABAD 3, Liaquat Ali Road, Tel: 26049 • GUJRANWALA Overhead Bridge, G.T. Road, Tel; 73692 • GUJRAT Grace Hotel, G.T. Road, Tel: 4457 • SAHIWAL 18, Sarwar Shaheed Road, Tel: 6453 • MULTAN State Life Building, Chowk Nawan Shahar, Tel: 31883 • RAWALPINDI i) Club Building, The Mall, Tel: 65419 & 68210 ii) Murree Road, M-21 Opp. Potohar Hotel, Tel: 550051 • ISLAMABAD State Life Building No. 5, Blue Area, Tel: 811712 • TAXILA B-2, HMC Premises, Tel: 2939 • PESHAWAR 6-B Saddar Road, Tel: 78392 • MIRPUR (A.K.) Bank Square, Tel: 2549.

PID/Islamabad. ADGROUP


ڪپڙن جي سُٺي ڌوپ لاءِ
ڪم خرچ سُهڻي رُوپ لاءِ
بيٽا واشنگ صابڻ
wa
وزير علي انڊسٽريز لميٽيڊ
تلو بناسپتي گيهه ۽ سن فلاور ڪوڪنگ آئل ٺاهڻ وارا

# جيڪي منجهه جهان

## ملڪ

## بي اعتماديءَ جي رٿ

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ، وزير اعظم جي خلاف اسيمبليءَ ۾ بي اعتمادي جي رٿ پيش ٿي. جيتوڻيڪ اهو جمهوريت جو حصو آهي. جمهوري ملڪن ۾ ائين ٿيندو آهي. پر محترمه بي نظير جي خلاف ، بي اعتمادي واري رٿ جمهوريت جي بقايا جمهوريت جي ڀلائيءَ خاطر پيش نه ڪئي ويئي هئي.

انهيءَ رٿ جي شروعات مارشل لا جي پيداوار ۽ ضيا جي جانشين نواز شريف ڪئي. نواز شريف جي آءِ-جي-آءِ ۾ اهي ئي پارٽيون شامل آهن ، جيڪي مارشل لا جون پيداوار آهن ، يا جنڪي مارشل لا مان فائدو هو ، يا سندن بقائي مارشل لا ۾ هو. انهن پارٽين جي ڪوشش هئي عام اليڪشن نه ٿئي ، خاص ڪري پارٽي بنيادن تي ته هرگز نه ٿئي. پر جڏهن سپريم ڪورٽ پارٽي بنياد تي اليڪشن جو فيصلو ڏنو ، ته اهي مجبور ٿي پيون.

جڏهن ملڪ ۾ اليڪشن ٿي ته ، پوري ملڪ ۾ مارشل لا جي پيداوار جيوڙن جي حڪومت هئي. تيڻ ته اهو ڪپندو هو ته اليڪشن وقت ، ڪا آزاد حڪومت هجي ها ، جيڪا غير جانبداريءَ سان اليڪشن ڪرائي ها. پر صدر صاحب ائين ڪونه ڪيو. پر مارشل لا جي جيوڙن جي نه چاهڻ جي باوجود به ، مرڪز ۾ حڪومت پيپلس پارٽيءَ کي ملي. صدر اسحاق خان پيپلس پارٽيءَ کي يڪدم حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏي ها ، ته پيپلس پارٽي پنجاب مان اچا به وڌيڪ صوبائي اسيمبليءَ جون سيٽون کٽي ها. پر صدر جي دير ڪرڻ سان اهو تاثر قائم ٿيو ته شايد حڪومت آءِ-جي-آءِ کي ملندي. ۽ آءِ-جي-آءِ انهيءَ مهلت کان فائدو کٽي ، پنجاب اسيمبليءَ جي ويهن پنجويهن سيٽن تي ڏانڌلي ڪري ، پنجاب ۾ اڪثريت ۾ اچي ويئي.

پر جيئن ئي پيپلس پارٽيءَ کي مرڪز ۾ حڪومت ملي ، انهيءَ ڏينهن کان هنجي خلاف سازشون شروع ٿي ويئون. سازش جي شروعات ته نواز شريف طرفان ٿي ، پر پوءِ ٻيا به انهيءَ ۾ شريڪ ٿي ويا. ۽ انهيءَ ۾ ڪجهه ڏوهه پيپلس پارٽي جو پنهنجو به آهي پر ڪٿي هوءَ مجبور به ٿي پئي. جيئن نوابزادو نصرالله ايم-آر-ڊي ۾ پيپلس پارٽي سان گڏ هو. پر جڏهن هو صدارتي چونڊ لاءِ بيٺو ۽ پيپلس پارٽي سندس سپورٽ نه ڪئي ته جمهوريت جي علمبردار نوابزادي ، جمهوري طرح آيل حڪومت جي مخالفت شروع ڪري ڏني ، ۽ آءِ-جي-آءِ جو سپورٽر ٿي پيو. جڏهن ته آءِ-جي-آءِ به نوابزادي کي صدارتي اميدوار جي حيثيت ۾ ، ساٿ ڪونه ڏنو. نوابزادو صاحب ، جيڪو مارشل لا جي ۽ ضيا جي مخالفت ڪندو هو ، سو ضيا جي پوئلڳن سان وڃي مليو. حقيقت ۾ اها ڪا نئين ڳالهه به نه هئي. ڇاڪاڻ ته ضيا جي دؤر ۾ شروعات ۾ نوابزادي جي پارٽي P.D.P جا ڪجهه ميمبر نوابزادي جي آشيرواد سان ، ضيا حڪومت ۾ وزير بڻيا هئا. ۽ ضيا هنن کي وزرات تان هٽايو ته نوابزادو صاحب ايم-آر-ڊي ۾ شامل ٿي ويو ، ۽ ضيا جي خلاف تحريڪ هلائي.

پيپلس پارٽيءَ کي هيءَ حڪومت ڪن شرطن تي ملي هئي ، جن مان هڪ شرط اِهو به هو ته صدارت لاءِ اسحاق خان کي چونڊيو ويندو. تنهنڪري اِها پيپلس پارٽيءَ جي مجبوري هئي. پر بلوچستان ۾ ، پي-پيءَ جيڪو آءِ-جي-آءِ جي ظفرالله جماليءَ سان يڪدم گڏجي حڪومت ناهي ، اڪبر بگٽي ۽ ٻين ڏرين کي ناراض ڪيو ، اِها پيپلس پارٽيءَ جي ڀُل هئي. سرحد ۾ اي-اين-پيءَ سان اهو معاهدو ٿيو هو ته گورنر اي-اين-پي جو هوندو ، پر ائين ٿي نه سگهيو ، جنهن تان اي.اين-پي ناراض ٿي پئي. پر اِها ڳالهه ولي خان به مڃي ته محترمه بينظير ته اي-اين-پي جو گورنر رکڻ لاءِ تيار آهي ، پر صدر نٿو چاهي. ۽ خود آءِ-جي-آءِ به اي-اين-پي جي گورنر جي مخالفت ڪئي پر تعجب جي اها

ڳالھ آهي تہ اي-اين-پي بہ وچي آءِ-جي-آءِ سان ناھ ڪيو. ولي خان جيڪو ضيا ۽ مارشل لا جي خلاف هو، تنهن مارشل لا جي پئداوار ۽ ضيا جي جانشين نواز شريف سان ناھ ڪري ورتو. ولي خان جو چوڻ هو تہ پيپلس پارٽي سرحد ۾ اي-اين-پي جو زور ٽوڙڻ گھري ٿي. ولي خان جي ڳالھ غلط نہ هئي، پر پوءِ بہ ولي خان جو آءِ-جي-آءِ سان ناھ ڪرڻ، ڏک رسائيندڙ فعل ضرور آهي. اي-اين-پي الڳ بہ رهي ٿي سگھي. پر ولي خان جي انهيءَ رويئي تي تعجب نہ ٿيڻ گھرجي. ڇاڪاڻ تہ ولي خان ١٩٧٧ع ۾ بہ پي-اين-اي سان ناھ ڪيو هو، جيڪو رجعت پسندن جو ٽولو هو. هن ڀيري بہ اهو ساڳيو ٽولو آهي، يعني سرڪاري مسلم ليگ، جماعت اسلامي، جميعت علماءِ اسلام، جمعت علماءِ پاڪستان. اڳ مهاجر انهن ئي پارٽين ۾ هئا، پر هن ڀيري ايم-ڪيو-ايم ڪري الڳ رهيا.

مولانا فضل الرحمان پڻ ايم-آر-ڊي ۾ پيپلس پارٽيءَ سان گڏ هو. سو بہ انهيءَ ڳالھ تان ناراض ٿي پيو تہ شريعت نافذ نٿي ڪئي وڃي. ۽ انهيءَ تان ناراض ٿي وڃي هنن سان مليو، جن جي خلاف يارنهن سال تحريڪ ۾ حصو ورتائين.

حقيقت اِها آهي تہ نوابزادو نصرالله، ولي خان، ۽ ڪنهن حد تائين مولانا فضل الرحمان ڪنيوئي انهيءَ ڪري جو ايم-آر-ڊي جي معاهدي تحت پيپلس پارٽيءَ پنهنجا اميدوار هنن جي اڳيان ڪونہ بيهاريا هئا.

هئڻ تہ اِهو گھربو هو تہ جن (M.R.D) ضيا ۽ مارشل لا جي خلاف تحريڪ گڏجي هلائي هئي، اُهي جمهوريت جي قافلي کي ساڻ وٺي هلن ها، پر ائين ٿي نہ سگھيو. بينظير صاحبہ جي وزير اعظم ٿيڻ کان اڳ ئي اختلاف شروع ٿي ويا هئا، ۽ تنهن ڪري بينظير پڻو کي اُهو فيملو ڪرڻو پيو، جيڪو درحقيقت نہ ڪرڻ گھربو هو. اُهو هو ايم-ڪيو-ايم سان 'ڪراچي ناھ'. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ناھ تي سنڌي سخت ناراض ٿيا. اِها بہ حقيقت آهي تہ بنيظير صاحبہ کي مرڪز ۾ حڪومت ئي سنڌ جي ڪري ملي. سنڌي عوام سڀ ڪجھ وساري، قومپرست ليڊرن کي بہ نظرانداز ڪري، پيپلس پارٽيءَ کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو. پر جڏهن پي-پي، ايم-ڪيو-ايم سان ناھ ڪيو، تہ سنڌين کي ائين لڳو تہ پيپلس پارٽي، سنڌي عوام جي پٺن ۾ خنجر هڻي ڪڍيو آهي. ڇاڪاڻ تہ 'ڪراچي ناھ' ۾ ڪٿي ڪھڙي بہ ٽيڪنيڪل زبان استعمال ڪيل هجي، پر انهيءَ ناھ سان سنڌين کي نقصان ٿي پهتو. ايم-ڪيو-ايم، جنهن ٻن سالن کان سنڌين جو ڪوس شروع ڪري ڏنو هو، انهيءَ معاهدي ڪري هنن جو حوصلو اڃا بہ وڌي ويو. هنن کي پڪ هئي تہ مرڪز ۾ پيپلس پارٽي رڳو اسان جي ڇوڏهن سيٽن تي حڪومت ڪري رهي آهي. جنهن وقت اسان پنهنجي حمايت ترڪ ڪئي، پي-پيءَ جي حڪومت ڊهي پوندي. پي-پي بہ پنهنجي انهيءَ ڪمزوريءَ کان واقف هئي، تنهنڪري هوءَ ايم-ڪيو-ايم جي اڳيان لاچار هئي. ۽ انهيءَ لاچاري ۽ مجبوريءَ جو ايم-ڪيو-ايم پورو پورو فائدو ورتو. هڪ پاسي تہ سندن وزيرن پنهنجي پنهنجي محڪمي ۾ نوڪرين جي ٿيان نوڪريون ڏنيون (يعني سوا مهيني ۾ فقط هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ ڇھ سؤ مهاجرن کي نوڪريون مليون. ايستائين جو ٽيڪنيڪل پوسٽن تي بہ مئٽرڪ پاس مهاجرن کي رکيائون) ٻئي پاسي شهرن ۾ جيڪي سنڌي نوڪرين ۾ هئا، انهن کي ننڍن شهرن ۾ موڪلي، ننڍن شهرن مان پناهگيرن کي آڻي، وڏن شهرن ۾ رکيائون. سندن غنڊا، سنڌي ماڻهن جو قتل، گھر ڦرڻ ۽ دڪان لٽڻ لاءِ آزاد ڇڏيا ويا. انهن غنڊن مان جيڪو بہ ٻڌبو هو، انهيءَ کي ايم-ڪيو-ايم جي حڪم تي، يڪدم ڇڏي ڏبو هو. ڇو تہ ايم-ڪيو-ايم هر روز اهي ڌمڪيون ڏيندي هئي تہ - اسين معاهدي تي نظرثاني ڪنداسين. انهيءَ بليڪ ميلنگ جي نتيجي ۾، ايم-ڪيو-ايم جا غنڊا ۽ دهشتگرد هفتو بہ جيل ۾ نہ رهندا هئا. بلڪ جن ست ست قتل ڪيا، اُهي بہ ايم-ڪيو-ايم جي دڙڪي ملڻ تي آزاد ڪيا ويا. هڪ اندازي مطابق، پي-پي جي حڪومت اچڻ کان پوءِ، ڪجھ وقت اڳ تائين، ايم-ڪيو-ايم جي ٽيرنهن سؤ غنڊن ۽ دهشتگردن کي آزاد ڪيو ويو آهي.

پي-پي، ايم-ڪيو-ايم جي اڳيان ايترو تہ جهڪي پئي، چڻ تہ سنڌ ۾ حڪومت پيپلس پارٽيءَ جي نہ، بلڪ ايم-ڪيو-ايم جي آهي. اهو تہ شڪر جو ايم-ڪيو-ايم، آءِ-جي-آءِ سان ڳجهو ناھ ڪيو، جنهن لاءِ ٻڌجي ٿو تہ اهو ڳجهو ناھ هوتيو ئي ڪونہ هو، پاڪستان جي هڪ معتبر شخصيت الطاف حسين سان ملي، کين چيو تہ پي-پيءَ سان ناھ ختم ڪري، آءِ-جي-آءِ سان ناھ ڪريو. هن شخصيت تي پردي وجهڻ لاءِ اهو چيو ويو تہ اهو ناھ ١٨ سيپٽمبر تي ٿيو. اهو ناھ جيڪڏهن ايترو اڳ ٿئي ها تہ اهي ٽرڙا ايترو وقت ماٺ رهن ها.

خدا جو سنڌين تي اهو وڏو احسان آهي، نہ تہ بي اعتمادي جي رٿ جي حمايت نہ ڪرڻ جي ايم-ڪيو-ايم جيڪا قيمت گھري ها، يا جيڪي شرط رکي ها، صورت حال جي مدنظر، شايد پي-پي اُهي سمورا شرط قبول ڪري ها. پر ايم-ڪيو-ايم جي الله ڦٽائي، جو هنن اهي شرط پي-پيءَ جي بدران آءِ-جي-آءِ اڳيان رکيا، جنهن هنن کي يقين ڏياريو هو تہ پي-پي ويئي، هاڻ حڪومت اسان جي ٿيندي. تو هانجا سڀئي شرط منظور. ۽ اهي لالچي بہ لوڀ پٺيان ٽوڳين جي ور چڙهي ويا. ۽ سنڌين جي حق ۾ اهو سٺو ئي ٿيو.

هاڻ جڏهن هڪ ڀيرو پيپلس پارٽي وڏي آزمائش مان پار اُڪري ويئي آهي، کيس پنهنجي پاليسين تي ٻيهر نظر ڪرڻ گھرجي. پي-پيءَ کي اهو نہ وسارڻ گھرجي تہ بي اعتمادي واري رٿ فقط ٻارنهن ووٽن تان ڪامياب نہ ٿي سگھي آهي. ۽ هيءُ برطانيہ ڪونهي، جتي هڪ ووٽ جي اڪثريت سان ولسن پنج سال حڪومت ڪري ويو. هِتي بي اصولي ئي اصول آهي. هتي غلام مصطفيٰ جتوئي جهڙا سياستدان بہ موجود آهن، جنهن کي زندگيءَ ۾ ڦھريون ڀيرو ذوالفقار علي ڀٽي وزيراعليٰ بڻايو هو. ۽ هاڻ هيءُ صاحب ئي سندس نياڻيءَ جي ڪرسي ڇڪي، پاڻ ويهڻ ٿو گھري. هُنکي، هن ڪرسيءَ جو ايڏو شوق آهي، جو جڏهن سنڌ مان، سنڌي ماڻهن ٺڏي ڇڏيو تہ وڃي پنجاب مان خيرات گھريائين، ۽ هڪ خيراتي سيٽ جي زور تي وزير اعظم ٿيڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. سندس خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ ويچاري نواز شريف گھڻي ڪوشش ڪئي، ڇاڪاڻ تہ هنکي سنڌ مان هڪ ويڪاؤ سنڌيءَ جي گھرج

Gul Hayat Institute

هئي، ۽ جتوئي صاحب کان وڌيڪ مطلب جو ماڻهو ڪيس ٻيو ڪهڙو ملي ها.

بهرحال هاڻ پيپلس پارٽيءَ کي پنهنجي پاليسين تي غور ڪرڻ گهرجي. ايم - ڪيو - ايم ڪيس جيڪو دوکو ڏنو، انهيءَ کان پوءِ اک کلڻ گهرجي. سنڌي ماڻهو، جيڪي پيپلس پارٽيءَ جي خلاف آهن، ويندي جيئي سنڌ وارا، جنڪي پي.پي حڪومت جيلن ۾ بند ڪيو آهي، انهن به پنهنجي بيانن ۾ پيپلس پارٽيءَ کي سپورٽ ڪئي. هاڻ جيئي سنڌ جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي جيلن ۾ رکڻ جو ڪو به سبب ڪونهي. ايم - ڪيو - ايم کي پي - پيءَ آزمائي ورتو آهي. جيئي سنڌ جو ڊپ ڏياري حڪومت ڪرڻ جو حربو به هاڻ پراڻو ٿي چڪو آهي. پي - پي حڪومت کي اها چڱيءَ طرح خبر آهي ته جيئي سنڌ وارن سکر ايئرپورٽ تان نه جهنڊو لاٿو نه ساڙيو. پر جن ايم - ڪيو - ايم وارن پاڪستاني جهنڊا لاٿا ۽ ساڙيا، انهن کي ڪهڙيون سزائون مليون، جو جيئي سنڌ جي بيگناهن کي جيلن ۾ اماڻيو ويو. سائين جي - ايم - سيد کي به يڪدم آزاد ڪرڻ گهرجي. سائين بيمار آهي خدانخواسته سائين کي ڪجهه ٿي پيو ته پي - پي وڏي ڏچي ۾ اچي ويندي.

پي - پيءَ کي ايم ڪيو - ايم جي خلاف به سخت قدم کڻڻ گهرجي. انهن کي گهڻي ڍر ڏني ويئي آهي. جيستائين هنن جي غنڊن ۽ دهشت گردن کي سخت سزائون نه ملنديون، هنن کي ملڪ جي مختلف ۽ پري جي جيلن ۾ نه موڪليو ويندو. جيلن ۾ ملاقاتون بند نه ڪبيون، اهي نه سڌرندا. ۽ اهي نه سڌرندا ته سنڌ جي شهرن ۾ امن نه ٿيندو. سنڌ جي شهرن ۾ امن نه ٿيو ته فوج ۽ مارشل لا جو خطرو هوندوئي هوندو.

سائين جي - ايم - سيد هن پيري ڪا نئين ڳالهه ته ڪانهي ڪئي. سنڌوديش جي ڳالهه سدائين ڪندو آهي. جيڪڏهن سنڌين کي پنهنجا حق ملن ته، سائين کي به انهيءَ نعري هڻڻ جي ضرورت نه پوندي. سائين جي - ايم - سيد ٿهڻي واري دوري ۾ پي - پي ڏانهن ٺڏي پاليسي اختيار ڪئي. پر پي - پي ٺي مهاجرن کي خوش ڪرڻ لاءِ سائين کي نظر انداز ڪيو. ۽ اها به ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته هاڻ جڏهن سائين چوي ٿو ته سنڌو ديش ٺاهينداسين ته ڪيس غدار چئجي ٿو. پر جڏهن سائين چيو هو ته - هندستان ٽوڙي پاڪستان ٺاهينداسين، ته ڪيس محب وطن چيو ويو.

ٻڌجي پيو ته مرڪز ۾ بينظير صاحبه، وزارتن ۾ ڦير گهير آڻيندي. اسين کين چونداسين ته سنڌ جي وزارتن تي به نظر ثاني ٿيڻ گهرجي.

هاڻي جڏهن بينظير صاحبه اهو ڏسي ورتو ته اڄڻ سان ڪيس اسيمبليءَ ۾ جيڪي ووٽ مليا هئا، هن پيري انهيءَ کان ويهه ڪن گهٽ ووٽ مليا. انهيءَ جي معنيٰ ته انين ترميم مڃائي نٿي سگهجي ۽ نه ئي آئين ۾ ڪا ترميم ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ لاءِ بهتر ٿيندو ته اُهي پارٽيون، جيڪي ايم - آر - ڊي ۾ شامل هيون، وري به هنن ڏانهن ناهه لاءِ هٿ وڌائجي. ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي. پر جيڪڏهن پيپلس پارٽي هڪ ڀيرو ٻيهر ايم - ڪيو - ايم سان ناهه ڪيو ته سنڌي عوام جي ناراضگيءَ کان پيپلس پارٽيءَ کي ڪير به بچائي نه سگهندو. ڇو ته بينظير صاحبه اِهو به ڏسي ورتو آهي ته جيڪي وڏيرا يا چوڌري ذوالفقار علي ڀٽي يا بينظير ڀٽي جي ڪري ڪامياب ٿيا. انهن به بي اعتمادي واري رٿ وقت، بينظير ڀٽو کي اکيون ڏيکاريون ته - اسان جي ڪري تون بي اعتماديءَ جي رٿ کان بچي وَئين ءَ.

- سهڻي بيورو.

## سنڌ

# سنڌ لاءِ 'طوفان نوح'

تازو وزير اعظم بينظير ڀٽو خلاف پيش ڪيل عدم اعتماد جي رٿ فقط هڪ فرد جي خلاف سازش ڪانه هئي، پر اها مسلسل ڀارنهن سالن جي جدوجهد ۽ جاکوڙ کان پوءِ ملڪ ۾ آيل انڌي منڍي جمهوريت ۽ خود سنڌ خلاف هڪ تمام وڏي سازش هئي. ان رٿ جي آڙ ۾ ملڪ جي مڙني جمهوريت دشمن ۽ سنڌ دشمن قوتن، جمهوريت ۽ سنڌ خلاف هر قسم جا ڪات ڪهاڙا سنياليا ۽ هڪ ڌڪ سان جمهوريت ۽ سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ٿي چاهيو. اها عدم اعتماد جي رٿ نه پر 'طوفان نوح' هو، جنهن ۾ معجزانه طور جمهوريت توڙي سنڌ ٻئي في الحال بچي ويا آهن، ۽ جمهوريت دشمنن توڙي سنڌ دشمنن کي وقتي طور هڪ تاريخي شڪست نصيب ٿي آهي. دشمن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. اجا ته هو ڌڪ سهسائي رهيو آهي. پر هن آن ڪانه مڃي آهي. وري ٻي ملهه جوٽڻ جي تيارين ۾ آهي.

ان ڪان اڳ، جو دشمن ڌڪ پچائي اٿي، ۽ وري نئين رنگ ڍنگ ۾ جمهوريت ۽ سنڌ سان ٻڪجي، ۽ ان ڪان اڳ جو وري ٻيو ڀيرو 'طوفان نوح' لڳي، تمام ضروري آهي سنڌ جون مڙيئي جمهوريت پسند ۽ سنڌ دوستن ڌريون ٺڏي دل دماغ، سان، ان سڄي صورتحال تي غور ڪن. ان جو هر انداز ۾ جائزو وٺن ته اها صورتحال پيدا ڇو ٿي؟ ان جا ڪارڻ ڪهڙا هئا. ان سازش ۾ ڪهڙا پروا ڌر ٻٽيل هئا ۽ ڪهڙا پنهنجا ڌر ٻٽيل هئا، ۽ هنن ائين ڇو ڪيو؟ ڪنهن جو ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار هو، ۽ اها سازش ناڪام ڪيئن ٿي، ۽ جمهوريت ۽ سنڌ في الحال ڪيئن بچي ويا؟ ان ۾ ڪنهنجو ڪيترو حصو هو؟ ڇا وري اها صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي؟ ڇو پيدا ٿي سگهي ٿي؟ ان جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟ جيڪڏهن وري اهو ساڳيو طوفان اٿيو ته ڪير ڪنهن سان گڏ هوندو ۽ ڇو هوندو؟ هن ڀيري به اها سازش ناڪام ٿيندي يا ڪامياب ٿيندي؟ ان سازش کي ڪيئن مستقل طور ختم ڪجي؟ ان سلسلي ۾ ڪهڙا اُپاءُ وٺڻ گهرجن؟ ان سلسلي ۾ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي گهر کي درست ڪجي ۽ پنهنجي نئين سر صف بندي ڪجي؟ ڪهڙيءَ طرح دشمن جي صف بندي ۽ هٿڪنڊن جو توڙ ڪجي ۽ انهن کي ناڪام بنائجي؟

هاڻ اها ڳالهه ٻنهه ڇپي تي پئي آهي، ته هن

پي حڪومت جي ميار واري رويئي تي ضرور شديد نڪتچيني ڪئي، پر هن آئي جي آئي-ايم ڪيو ايم ناهه کي سنڌ کي ورهائڻ واري سازش قرار ڏيئي، ان کي ننديو ۽ خبردار ڪيو تہ ڪنهن بہ قيمت تي ان سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏبو.

هن مرحلي تي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ خوب ملهايو ۽ هڪ اهڙو جاندار ۽ معني سان ڀريل بيان جاري ڪيو، جو ان جي تيجي ۾ سنڌي وڏيرن جو اهو ٽولو درست ٿيو، جن جي من ۾ مير پيدا ٿي چڪو هو. پر ان بيان ۾ ڌيل لفظن ۾ جمهوريت ۽ سنڌ خلاف سازش ڪندڙ شاونسٽ غير سياسي قوتن لاءِ هڪ سخت تنبيهه هئي تہ "جيڪڏهن ان سازش کي ڪامياب بنايو ويو، تہ ان جا نتيجا تمام اگرا نڪرندا ۽ شايد ڳالهه گهڻو اڳيان نڪري وڃي."

پر ان سڄي بحران ۾ 'راند' جو پاسو ان وقت پلٽجي ويو، جڏهن عوامي نيشنل پارٽي جي سيڪريٽري جنرل رسول بخش پليجي انتهائي چٽيءَ طرح ۽ سخت لفظن ۾ اهڙو موقف اختيار ڪيو، جنهن سان سنڌي ايم اين اي لاءِ انتهائي مشڪل ٿي پيو تہ هو عدم اعتماد تحريڪ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ کان پوءِ، واري عذت سان سنڌ واپس موٽي سگهن. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ خود پي پي وارن جي زبان بہ گونگي ٿي وئي هئي، ۽ هنن کي بہ سمجهه ۾ ڪونہ ٿي آيو تہ صورتحال کي ڪيئن بچائجي. پر پليجي جي بيان جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ جيڪو TEMPO ٺهيو، بعد ۾ ان کي ئي پي پي رهنمائن پنهنجو سهارو بنايو. پليجي واضح ڪيو تہ جيڪو آئي جي آئي- ايم ڪيو ايم جي مدد سان بنظير ڀٽو جي جي خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ جي ڀيرائي ڪندو، سو پنهنجو نالو ون يونٽي غدارن جي فهرست ۾ لکائيندو. نہ فقط ايترو پر هن اي اين پي جي قائم مقام صدر غلام احمد بلور کي تار ڪري ان ڳالهہ تي احتجاج ڪيو تہ اي اين پي جا ميمبر مرڪزي ڪميٽي جي اجازت بغير، اهڙي فيصلي ۾ ڌر بڻجي رهيا آهن. هن حيرت ظاهر ڪئي تہ ڇا پختون قوم جي حقن جا چيمپيئن هئڻ جا دعويدار، سنڌي قوم خلاف ٿيل سازشي ناهه ۾ ڌر بڻبا؟ پليجي جي ان قسم جي بيانن سبب جتي هڪ طرف سنڌ ۾ ان سازش خلاف هڪ زبردست ماحول تيار ٿي ويو، اتي بلوچ نيشنل موومينٽ بہ پنهنجي اڳئين موقف تي نظرثاني ڪندي، آئي. جي. اي -ايم. ڪيو. ايم ناهه کي ننديو ۽ بينظير ڀٽو خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان ڪان سواءِ نہ فقط پنجاب اي اين پي پليجي وارو موقف اختيار ڪيو، پر خود سرحد صوبي مان اي اين پي مرڪزي ڪميٽي جي ٻن پختون ميمبرن، سينيٽر بشير مٽڪا ۽ نقي جان پڻ عدم اعتماد جي تحريڪ ۽ سنڌ دشمن ناهه خلاف سخت بيان جاري ڪيو ۽ غلام احمد بلور تي شديد نڪتچيني ڪئي. شايد اهوئي سبب هو خان عبدالولي خان ووٽنگ واري ڏينهن پاڪستان نہ آيو.

تحريڪ ناڪام ٿيڻ وارن ڪارڻن جا جائزو وٺبو تہ هڪ عجيب غريب پهلو پڻ نظر ايندو. يعني سنڌ جا قومي اسيمبلي جا ميمبر اهو ڪردار ادا نہ ڪري سگهيا، جنهن جي توقع هئي. واضح رهي تہ هيءَ تحريڪ سنڌي وڏيرن جي حمايت سبب همٿ افزائي ٿيڻ ڪري ئي شروع ٿي هئي. پر بعد ۾ سنڌي عوام جي مزاج جون خبرون ٻڌي اهو وڏو گروپ سنڌ خلاف ان سازش ۾ ڪلي طرح شريڪ ٿيڻ جي همٿ نہ ساري سگهيو. ويتر آئي جي آي- ايم ڪيو ايم ناهه کان پوءِ اها توقع پئي ڪئي وئي، تہ سنڌ جو ڪوبہ سنڌي ايم.اين.اين تحريڪ جي حق ۾ ووٽ نہ ڏيندو. پر ان جي برعڪس سڄا سراٽي سنڌي ايم اين اي يعني راٺو چندر سنگهہ، ارباب امير حسين ۽ پير علي گوهر شاهہ سندرو ٻڌي تحريڪ جي حق ۾ ووٽ ڏيئي آيا. يعني ٻين لفظن ۾ هو سنڌ خلاف ٿيل آئي.جي.اي-ايم. ڪيو. ايم ناهه کي ووٽ ڏئي آيا، ۽ ان جي ابتڙ پي پي کان ٻاهر جي سنڌ جي ڪنهن بہ ايم اين اي، تحريڪ جي مخالفت ۾ ووٽ نہ ڪيو. ٻئي طرف پنجاب مان جيڪڏهن پي پي جي هڪ ايم اين اي، پي پي ڊسيپلين جي خلاف ورزي ڪندي، تحريڪ جي حق ۾ ووٽ ڏنو تہ ان جي برعڪس آئي. جي. اي جي ڇهن ميمبرن تحريڪ جو ساٿ نہ ڏنو. ان ڪان سواءِ آئي جي اي جي ويجهن ذريعن کان پڪي خبر پئي آهي تہ آئي جي اي کي خاطري هئي تہ پنجاب مان اٽڪل ڏهہ ايم اين اي تحريڪ جو ساٿ ڏيندا. پر جڏهن هو ساٿ ڇڏي ويا تہ غلام مصطفىٰ جتوئي سنڌ مان پي پي جي اهڙن ڇهين ميمبرن کي، جيڪي آخري وقت تحريڪ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار هئا، تن کي جتوئي صاحب چيو تہ جيئن تہ هنن (ڇهن) جي ووٽ ڏيڻ جي باوجود گهربل ۱۱۹ ووٽ ڪونہ ٿا ملن، تنهن ڪري هو ڀلي ووٽ نہ ڏين، تہ جيئن ظاهر نہ ٿي سگهن. ڪائڻ اڳتي ڪنهن ٻئي مرحلي تي ڪم وٺي سگهبو. اهڙي طرح بينظير ڀٽو خلاف تحريڪ ۽ سنڌ خلاف ايم-ڪيو-ايم - آئي-جي-اي سازش پنجاب جي ميمبرن جي ثابت قدم هئڻ ڪري ڪامياب نہ ٿي سگهي.

دل چاهي ٿي تہ هن مرحلي تي سنڌ جي انهن سياستدانن سان همڪلام ٿجي، جيڪي ڀٽو دشمني ۾ سنڌ کي تين وال ڪرڻ چاهين ٿا. انهن مان پير سائين پاڳاري ۽ جناب غلام مصطفي جتوئي مان ڪا اميد رکڻ اجائي ٿيندي، ڇو تہ هو ڀٽو دشمني ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن. البت جتوئي صاحب جي انهن ويجهن دوستن مان مخاطب ٿيڻ اجايو نہ ٿيندو، جيڪي جتوئي صاحب جي ذاتي دوستي سبب اجا تائين هن سان گڏ آهن. هنن کي اپيل ڪري سگهجي ٿي تہ هو پنهنجي ضمير کان پڇن تہ ڇا سنڌ جو هنن تي ڪوبہ حق نہ آهي. سنڌ تي هن ڏکي ويل، جڏهن سنڌ کي هميشہ لاءِ اڌ ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. ٻهارين جي نالي ۾ سڄي هندستان جي اڙدو ڳالهائيندڙن کي سنڌ ۾ آڻي آباد ڪرڻ، ڪراچي جي هڪ ڪروڙ آبادي تسليم ڪرائي، ان کي نہ فقط صوبو بلڪ شايد ڌار ملڪ بنائڻ جو بنياد وجهڻ جهڙا منصوبا سٽجي رهيا آهن، تڏهن بہ هو محض جتوئي صاحب جي دوستيءَ ڪاڻ، سنڌ دشمن سازش جو حصو بڻجي، پنهنجي ڌرتي ماءُ خلاف استعمال ٿيندا.

هن مرحلي تي مسلم ليگ جي سربراهہ جناب محمد خان جوڻيجي سان مخاطب ٿيڻ غير مناسب نہ ٿيندو، ڇو تہ مختلف اوڻاين ۽ ڪمزورين جي باوجود جو هي صاحب هڪ جمهوريت پسند سياستدان طور سڃاتو وڃي ٿو، ۽ سنڌ خلاف بہ ڪي هن اهڙا جرم نہ ڪيا آهن جو ڪيس سنڌ



Gul Hayat Institute

(٧) سنڌ اندر برجستا سنڌي ۽ غير جانبدرا غير سنڌي آفيسر رکيا وڃن، جيڪي دهشت گردن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪن.

- جي- اين- مغل

# ٿر
# مسئلا ۽ عوامي دور

ٿري ماڻهو ڏڪارن، وبائن ۽ ٻين قدرتي آفتن سان گڏ سرحدي جنگين، رينجرس، جاسوسي ايجنسين، وڏيرن، سنڌن چاڙتن، پوليس ۽ ٻين ڪامورن جي ظلمن جو هميشه شڪار ٿيندا رهيا آهن. هر نئون دور، ٿري ماڻهن لاءِ بد کان بدتر ثابت ٿيو آهي. ان هوندي به هن ڀيري هنن پيپلس پارٽيءَ سان ڪئين اميدون وابسته ڪري رکيون هيون. اليڪشن دوران کين يقين ڏياريو ويو هو ته عوامي حڪومت اچڻ سان سندن سمورا مسئلا حل ڪا ويندا. 'مارئي ملير جي - بي نظير بي نظير' واري نعري ۾ هنن لاءِ ڪشش هئي. هو عجيب قسم جي پنهنجائپ محسوس ڪري رهيا هئا.

سنڌ مان پيپلز پارٽيءَ جي مثالي ڪاميابي ۽ مُلڪ جو اقتدار ملڻ کان ترت پوءِ، پيپلز پارٽي جي هڪ اهم شخصيت، قومي اسمبلي جي ميمبر اخبارن کي بيان ڏنو ته اسلام آباد جي فِرج جو پاڻي تيستائين نه پيئندس، جيستائين سمورن ٿري ماڻهن کي بئريج ايريا مان نهر يا پائيپ ذريعي پاڻي نه پهچائيندس. اهڙي نموني پيپلس پارٽيءَ کان ورتل ٽڪيٽ تي چونڊجي آيل اقليتن واري هڪ صوبائي ميمبر به ڏاڍيون ڪم جون ڳالهيون ڪيون. مٺيءَ جي شهرين طرفان ڏنل آجيائن ۾، هن سڄي ٿر ۾ بجلي پهچائڻ، روڊن جو ڄار وڇائڻ ۽ سڀني بي روزگار ٿري نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ واري اعلان سان گڏ اهو به اعلان ڪيو، ته سڄي ٿر جا وڏا وڏا لَڪَ (چڙهايون) ڊاهي ليول ڪيا ويندا، جيئن روڊن ٺاهڻ ۽ آمدورفت ۾ سهوليت ٿئي.

ٿري ماڻهو، جيڪي هونئن به اُميدن ۽ توَڪلن جي سهاري جيئندا آهن. تن کي وڏڪ ڏڍ مليو ۽ ڀروسو ٿيو ته ڏکن وارا ڏينهن هاڻي ختم ٿين تي آهن. پر ماروئڙن جون اهي اميدون به ساڀيان ٿيون، ويتر سندن مُشڪلاتن ۾ اضافو ٿيو آهي. عوامي حڪومت کي اقتدار ۾ آئي خيرن سان ٻارنهن مهينا ٿي ويا آهن. انهيءَ عرصي ۾ هتي ڇا وَهيو. ڇا واپريو؟ ڪيترا مسئلا حل ٿيا اول اسين انهن جو جائزو وٺنداسين.

جمهوري دور جا ٻارنهن مهينا: ١- اڳين حڪومت طرفان ملندڙ سستي اگهه واري ڪٽڪ ۽ ٻيون سموريون امدادون بند ڪيون ويون.

٢- سوَن جي تعداد ۾ ٿري ملازمن کي پري پري بدليون ڪري در بدر ڪيو ويو. تعليم کاتي کي خاص نشانو بنايو ويو. سينيئر ۽ تجربيڪار آفيسرن، سُپروائيزرن ۽ استادن کي هٽائي، انهن جي جاين تي نا اهل، ڏڏ ۽ جونيئر ماڻهن کي R.P ۽ L.C.O جهڙن عهدن تي کنيو ويو.

٣- تعليم يافته اهل ۽ حقدار نوجوانن کي نظرانداز ڪري. نا اهل ۽ اوورايج سفارشي ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون ويون. ٻئي طرف نئين روشني کاتي ۾ ٽن سالن کان ملازمت ڪندڙ سوين ٿري نوجوانن کي بي روزگار بنايو ويو.

٤- جوڻيجو حڪومت طرفان وڏي پئماني تي هلندڙ ترقياتي اسڪيمون تبديل، بند ۽ رد ڪيون ويون. پيپلس پروگرام تحت چند اسڪيمون ڏنيون به ويون آهن ته سراسر غلط، ناجائز غير ضروري هنڌن تي، نام نهاد پاڙن ۾ منظور ڪيون ويون آهن.

٥- سرڪار پاران مٺي شهر جي ڪچين آبادين ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهن کي پلاٽن لاءِ مفت پَٽا (سَندون) ڏيڻ جو جيڪو پروگرام هو، انهيءَ تحت ڪوڙا نقشا ٺهرائي، اُهي پَٽا شهر جي شاهوڪار واپارين ۽ آفيسرن کي اُنهن هنڌن لاءِ ڏنا ويا، جتي غريب ماڻهو ورهين کان آباد آهن.

٦- وڏيرا ۽ ڪامورا ته اڳيئي ٿري ماڻهن لاءِ شامت بنيل آهن، پر هڪ ٽيون عنصر به شامل ٿي ويو آهي، جيڪو آهي پيپلس پارٽي جي نام نهاد جيالن ڪارڪنن جو گروهه. ڪامورن ۾ اچا ڪو ديد، پر هن نئين فورس ۾ تِر جيترو به نه. پنهنجين انفرادي بد معاشين کان سواءِ پوليس ۽ رينجرن کي وٺي، سڄو ڏينهن مسڪين ماڻهن مٿان ٻيٺا آهن. گرفتاريون، بي عزتيون، تشدد ۽ رشوت.

انهيءَ وچ ۾ ائين به ڪونهي ته ڪي حڪومت جا ذميوار ماڻهو ٿر ڏي آيائي ناهن، اسيمبلين جا ميمبر، صلاحڪار ۽ وزير موصوف ٿر جا چڪر لڳائيندا رهيا آهن. مسئلن بابت ڪجهه اعلان ضرور ٿيا آهن. هتي انهن جو سلسليوار ذڪر ڪرڻ مُناسب ٿيندو.

**دورا ۽ اعلان:** سڀني کان پهرين وفاقي وزير سينيٽر جاويد جبار ٿر جو دورو ڪيو، پر هي صاحب سواءِ ڪنهن اعلان ڪرڻ جي واپس هليو ويو. وزير موصوف کان پوءِ قومي اسيمبلي جي ميمبر محترم حاڪم علي زرداري صاحب ٿر جو دورو ڪيو. اعلان ڪيائين ته ڪارونجهر واري قيمتي پٿر ۽ ڊيڊويرو ڳوٺ مان ملندڙ چيني مٽي جا ڪارخانا، هو پاڻ هتان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر سان گڏجي نگرپارڪر ۾ لڳائيندو. جلدئي پوءِ صوبائي وزير مير منور علي خان ٽالپور دوري تي آيو، هن صاحب به اعلان ڪيو ته ڪارونجهر جبل تي ڪيترائي ڊيم ٺاهيا ويندا. هڪ ڀيرو وري سينيٽر جاويد جبار نگرپارڪر وڃڻ لاءِ مٺيءَ کان ٿيندو اسلام ڪوٽ پهتو، جتان ڪنهن ضروري ڪم ٿيڻ سبب ڪيس واپس وڃڻو پيو.

انهيءَ کان پوءِ چار صوبائي وزير سيد خورشيد احمد شاه وزير تعليم، بجلي ۽ پاڻيءَ وارو وزير مير منور علي خان، روينيو جو وزير محترم عبدالستار بچاڻي، خزاني وارو وزير محترم اسماعيل اُڍيجو ۽ وڏي وزير جو صلاحڪار محترم مولا بخش چانڊيو ٿر جي دوري لاءِ مٺي پهتا. ٿر جي انتهائي مصروف موسم ۾، وڏي تعداد ۾ ٿري ماڻهن کي آندو ويو هو. ٻڪن ۽ اُڃن تي هِريل ٿري ماڻهو، رات جو دير تائين ويٺا رهيا. مٿي ذڪر ڪيل حالتون پيدا ڪندڙ ماڻهن، سپاسناما پڙهيا ۽ تقريرون ڪيون. آخرڪار وزير صاحبن جو وارو آيو جن پنهنجي پنهنجي تقريرن ۾ هيٺيان اعلان ڪيا.

١- مٺي انٽر ميڊيئيٽ ڪاليج کي ڊگري ڪاليج بنايو

ويندو.

٢- مٺي گرلس مڊل اسڪولَ کي هاءِ اسڪول بنايو ويندو.

٣- مٺي شهر ۾ ٽيڪنيڪل اسڪول کوليو ويندو.

۴- مٺي شهر کي نئون ڪوٽ کان پائيپ لائين ذريعي پاڻي پهچايو ويندو.

۵- ٿر ۾ روينيو سروي وارو ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو.

چارئي وزير موصوف مٺيءَ کان واپس ٿيا. محترم مولا بخش چانڊيو اڳتي نگر پارڪر تائين ويو. واپس اچي اعلان ڪيائين ته ايرڊ زون ۽ بياباني علائقن جي ميٽرڪ پاس نوجوانن تان نوڪرين لاءِ وڏل مارڪن واري پابندي ختم ڪجي ٿي. هن چيو ته اهڙو فيصلو تعليم واري وزير سيد خورشيد احمد شاهه سان ٿي چُڪو آهي.

اهي هئا گذريل يارنهن مهينن دوران حڪومت جي ذميوار ماڻهن جا دورا ۽ اعلان. چند رواجي ڪمن کي ڇڏي باقي لاءِ سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اهي ڪم نوان آهن. ۽ ايترو آسان ۽ قابلِ عمل به آهن يا نه؟

جواب آهي ته ها، پراڻا ۽ مُشڪل هوندي به اهي ڪم قابل عمل ضرور آهن. شرط اهو آهي ته انهن کي نيڪ نيتيءَ واري جذبي سان سمجهي، هٿ ۾ ڪنيو وڃي. هتي اسين اعلان ڪندڙ صاحبن، رٿيل ڪمن ۽ انهن سان لاڳاپيل ڳالهين جو جائزو وٺنداسون.

سينيٽر جاويد جبار جو ڪو به اعلان نه ڪرڻ: هي صاحب جوڻيجو حڪومت ۾ به سينيٽر هو. ترقياتي اسڪيمن لاءِ ڪيس جيڪا بجيٽ مليل هئي، سا هن ٿر ۾ استعمال ڪئي، ڏڪارن ۾ سلائي مشينون ۽ ٻارن لاءِ رانديڪا، ڪجهه ماڻهن ۾ تقسيم ڪيائين. سنڌي ٽوپيءَ واري نشان ۽ نج سنڌي نالي 'ٻانهن ٻيلي' سان هڪ تنظيم قائم ڪيائين. سنڌس انهيءَ قسم جي اوچتي دلچسپي ۽ عمل ڪن ٿورن ماڻهن جي دلين ۾ شڪ شُبها پيدا ڪيا. گهڻا ماڻهن سنڌس هن فراخدليءَ کي قدر جي نگاهن سان ڏٺو ۽ ڪي ته سينيٽر صاحب واري جوڙيل هن تنظيم جا ميمبر به بنجي ويا. هن پيري بر سراقتدار پارٽي جي وزير جي حيثيت سان سنڌس هن دوري کي ماڻهو وڏي اهميت ڏيئي رهيا هئا. ماڻهن کي خبر هئي ته جيڪو ماڻهو هڪ سينيٽر هجڻ جي حيثيت ۾ ٿر جي ترقيءَ لاءِ هيڏو پاڻ پتوڙي رهيو هو، سو وفاقي وزير هجڻ جي حيثيت سان ٿرجي ترقيءَ لاءِ ضرور ڪنهن جامع پروگرام جو اعلان ڪندو. پر موصوف بنا ڪنهن اعلان ڪرڻ جي واپس هليو ويو. اڳئين حڪومت دوران ٿر ۾ سنڌس هيڏي دلچسپي ۽ هن حڪومت ۾ خاموشي، هتان جي ماڻهن لاءِ پرولي بنجي ويئي آهي.

پٿر ۽ مٽيءَ جا ڪارخانا لڳائڻ وارو اعلان: نگر پارڪر پرسان ڳوٺ ڊيڊويرو مان ملندڙ چيني مٽي، جيڪا جپان جي هڪ خاص ليبارٽري جي رپورٽ موجب دنيا جي بهترين چيني مٽي آهي ۽ ڪارونجهر جبل مان وري اعلي قسم جو گرينائيٽ پٿر وڏي مقدار ۾ مليو آهي. زرداري صاحب جو اهو اعلان ته "ٻنهي شين جا ڪارخانا نگرپارڪر ۾ لڳايا ويندا، قابل قدر ۽ ساراهه جوڳو آهي. هي صاحب سينيٽر سياستدان سان گڏ، تجربيڪار صنعتڪار به آهي. تنهن ڪري مُڪمل بُنيادي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي هن اهڙو اعلان ڪيو هوندو، تاهم ڪجهه ڳالهيون جيڪي سمجهه ۾ اچن ٿيون، بيان ڪرڻ ضروري آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي شين جا ٽيڪا، ڪن بااثر ماڻهن جي معرفت ۽ اشتراڪ سان، گهڻو وقت اڳ ۾ ٿي چڪا آهن. وڏي مقدار ۾ پٿر ۽ مٽي وڏن شهرن ڏي نيا پيا وڃن. مقامي ماڻهو، جن لاءِ قدرت هي قيمتي ذخيرا سندن ئي جنم ڀومي ۾ محفوظ ڪري ڇڏيا هئا، بي وسيءَ جي عالم ۾ اهو تماشو ڏسي رهيا آهن. ڪين انهن ذخيرن تي مالڪيءَ جو حق ته پري رهيو، پر مزوريءَ جو حق به ڪونهي. بٽريج ايريا ٽنڊوجان محمد پرسان، فيڪٽري ٽائيپ هڪ بلڊنگ ٺهي آهي. چيو وڃي ٿو ته اها انهيءَ چيني مٽي جي ڪارخاني لاءِ ٺاهي ويئي آهي.

هاڻي جڏهن ته مٿان ئي مٽي ٽيڪا ڪٽي، مقامي ماڻهن جو استحصال شروع ڪيو ويو آهي، تمام پري بٽريج ايريا ۾ ڪارخانا قائم ڪيا پيا وڃن، جنهن سان هن ڏتڙيل علائقي جي ترقيءَ جا امڪان به هميشه لاءِ ختم ٿي وڃڻ جو انديشو آهي، اهڙي وقت ۾ زرداري صاحب جو اعلان، ٿري ماڻهن لاءِ هيڪر ڀاٽ اونداهي ۾ روشنيءَ جو ڪِرڻو ثابت ٿيو آهي. ضرورت آهي ته مذڪوره ذخيرن کي پراڻن قبضن ۽ والارن مان يڪدم آزاد ڪرايو وڃي ۽ نگرپارڪر ۾ ڪارخانا اڏڻ وارو ڪم بنا دير شروع ڪيو وڃي.

خوش قسمتيءَ سان پيپلس پارٽيءَ کان ورتل ٽڪيٽ تي نگرپارڪر مان صوبائي اسيمبليءَ لاءِ چونڊجي آيل ميمبر، حاجي غلام محمد به مل مالڪ آهي. پنهنجون قيمتي ممنوعات هُو پاڻ ايڪسپورٽ ڪندو آهي، اهڙي نموني زرداري صاحب، توڙي حاجي صاحب ٻنهي وٽ پئسو به آهي، ته تجربو به. ضرورت آهي عمل واري سچي جذبي جي- ڪارخانا نگر پارڪر ۾ لڳڻا آهن. نگرپارڪر تعلقي جي ماڻهن ووٽ ڏيئي حاجي صاحب کي پهريون ڀيرو ڪٽايو آهي. زرداري صاحب جي ساٿ سان، ڪيس هي سونهري موقعو مليو آهي، ته هو ٻنهي شين جا ڪارخانا نگرپارڪر ۾ ترت لڳرائڻ جو بندوبست ڪري، انهيءَ سان سنڌس سياسي ساک به بحال ٿيندي ۽ هتان جي ماڻهن لاءِ روزگار جو به مُستقل ذريعو پيدا ٿي پوندو. اميد ته ٻئي صاحب سچا ثابت ٿيندا ۽ سندن اشتراڪ سان نه فقط اهي، بلڪ سڄي ٿر ۾ ٻيا به ڪيترائي ڪارخانا قائم ڪيا ويندا. ڪارخانا سرڪاري سيڪٽر يا شراڪت ۾ قائم ٿيڻ گهرجن. ٻئي صاحب اهڙو بندوبست ڪرڻ واري بهتر پوزيشن ۾ آهن.

ڪارونجهر جبل تي ڊيم ٺاهڻ وارو اعلان: ڪارونجهر جبل تي ڊيم ٺاهڻ انتهائي اهم ۽ نهايت ضروري آهي. پر بجليءَ ۽ پاڻيءَ واري وزير ميرمنور علي خان جو اهو اعلان ته "ڪارونجهر تي ڪيترائي ڊيم ٺاهيا ويندا." سمجهه ۾ ڪونه آيو. ڪارونجهر هڪ ننڍڙو جبل آهي، جنهن تي جيڪڏهن هڪڙوئي ڊيم ٺاهجي، ٻين ڊيمن جي لحاظ کان وري به اُهو ننڍڙو هوندو. هن کان اڳ ۾ به ڪن بين الاقوامي ادارن جي خرچ سان، ڪارونجهر پرسان ڪن تلائن جي ڪپن تي مٽيءَ جا وڏا وڏا بند چاڙهيا ويا آهن، جنهن ڪري هڪ طرف تلائن جو پاڻي ماڻهن توڙي مال لاءِ مشڪل ٿي ويو آهي، ته ٻئي طرف ڪنارن تي ٻيٺل وڏا وڏا ۽

Gul Hayat Institute

ٿري نوجوانن کي رينجرس ۾ ڀرتي ڪيو وڃي. هن هڪڙي عمل سان، ڪئين فائدا ٿيندا. روزگار جو مسئلو ڪنهن حد تائين حل ٿيندو. ٿري غريبن تان هي مستقل عذاب ڪجھ گهٽجندو. ٿري عملو هُجڻ سان، اسمگلنگ ۽ بهارين جي روڪٿام ۾ مدد ملندي ۽ باربر جي حفاظت بہ مناسب نموني ٿي سگهندي. اهڙي نموني سان پوليس فورس ۾ بہ ٿري نوجوانن کي ترجيحي بنيادن تي کنيو وڃي ۽ فوج واريون سخت پابنديون نرم ڪري، سنڌي نوجوانن کي پيش ايندڙ دشوارين جو تدارڪ ڪري، سيني سنڌي نوجوانن کي فوج ۾ کنيو وڃي.مٿي انهن مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن بابت حڪومت جي اهلڪارن ڪجھ ڳالهايو آهي. جيتوڻيڪ هيستائين ڪنهن ڪم جي رڳو شروعات بہ نہ ٿي آهي. باقي ٿري ماڻهن جا مسئلا تہ انيڪ آهن. علاج جو مسئلو آهي، هتي ٽي.بي، ڦٽري ۽ اکين جون بيماريون عام آهن. سڄي ٿر ۾ هڪ بہ ويم گهر ڪونهي. سدائين بي وقت ۽ دردناڪ موت ٿيندا رهن ٿا. جانورن جون بيماريون آهن. جن وِگهي هر سال هزارن ۽ ڪڏهن لکن جي ليکي مال مري وڃي ٿو. آمدورفت ۽ بجليءَ وارا مسئلا، ڏڪارن ۾ پيدا ٿيندڙ سنگين نوعيت وارا مسئلا، ٿري ماڻهن لاءِ مُستقل عذاب بنيل آهن.

هڪڙو مسئلو اهڙو آهي جيڪو جيئن پوءِ تيئن سنگين نوعيت اختيار ڪندو ٿو وڃي، اُهو آهي سندن عزت نفس جو مسئلو. رينجرس، پوليس، وڏيرن ۽ سندن چاڙتن جي ظالمانہ ڪاررواين سبب، ماروئڙن جون جانيون، مال ۽ عزتون محفوظ نہ آهن. هتان جا نڙڪو وڏيرا، جيڪي پنهنجن خسيس مفادن لاءِ ڏيهي ماڻهن سان هميشہ غداريون ڪندا رهيا آهن، اڄ بہ پنهنجي موروثي روايت تي قائم آهن. هي مسئلو ان ڪري بہ وڌيڪ شديد آهي، جو هتي مقرر رينجرس، ايجنسين، ۽ پوليس ۾ گهڻي ڀاڱي سڀ ماڻهو غير مقامي آهن. هاڻي تہ وري ڪي ٻاهر غير مقامي ماڻهو. هتي زمينون ۽ ٻيون پراپرٽيون حاصل ڪري رهيا آهن، جاڳاله ويتر افسوسناڪ آهي. اهڙي وقت ۾ برسر اقتدار پارٽي جا هتان کان چونڊيل اسيمبلي ميمبر، توڙي تاڦيل نمائندا. جيالن ڪارڪنن کي صوبيدارن ۽ ٻين ڪامورن لاءِ وزيٽنگ ڪارڊ ڇاشو ڪرڻ، ڏيڻ، ٽيڪن ۽ ڪميشنن فيصلا ڪرڻ ۾ مشغول ۽ مصروف آهن، البت وڏيون دعوائون ڪندڙ اقليتن واري ميمبر صاحب سڄي ٿر بدران پاڻ ۽ پنهنجي ڪميونٽي لاءِ حيران ڪندڙ ۽ مثالي ڪم ضرور ورتا آهن. جن جو هڪ الڳ ۽ دلچسپ داستان آهي، ظاهر آهي تہ اهڙين حالتن ۾ غريب ماڻهن جي حقن تي راتاها لڳا هوندا. مذڪور چونڊيل توڙي مڙهيل نمائندن طرفان، ٿري ماڻهن جي زندگي ۽ موت وارن انهن مسئلن تي ڌيان نہ ڏيڻ، ويتر سندن هڙ هضم ڪرڻ وارو عمل ڪا نئين ڳالھ ڪانهي.

اهڙي حالتن ۾ ڪنهن وڏي خطري کي محسوس ڪندي صلاح ڏينداسين تہ انتقامي ڪارروايون ۽ خرمستين کي بند ڪرڻ گهرجي، ذاتي مفادن تي قومي سوديبازيون نہ ڪجن.

ڪجھ وڌيڪ تجويزون: ١- ٿر ۽ مٽي وارن ذخيرن کان سواءِ هتي چمڙي، اُن ۽ شيشي جي ڪارخانن لاءِ ڪچو مال وافر مقدار ۾ موجود آهي. سرڪاري سيڪٽر ۾ اهي ڪارخانا ٿر جي مختلف شهرن ۾ لڳايا وڃن. سيني پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ٿري نوجوانن کي انهن ۾ نوڪريون ڏنيون وڃن، روزگار جي مسئلي جي حل سان گڏ ترقي بہ ٿيندي.

٢- بجلي ۽ روڊ ٿر جي هر ڳوٺ تائين پهچائڻ لاءِ جامع منصوبہ بندي ڪئي وڃي. ان موجب ڪم بنا دير شروع ڪيا وڃن. مزوريءَ جي موقعن سان گڏ ترقي جي راه بہ هموار ٿيندي.

٣- علاج لاءِ ٿر جي هر تعلقي هيڊڪوارٽر ۾ ٽي.بي سينيٽوريم، ويم گهر، اکين جون اسپتالون. بلڊبينڪون، ليبارٽريون ۽ آپريشن ٿيئٽر قائم ڪيا وڃن. هر بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ ليڊي ڊاڪٽر يا پوءِ ليڊي هيلٿ وزيٽر، سمورين گهربل دوائون، بلائن واريون سُيون، جنريٽر ۽ ايمبولينس فراهم ڪيا وڃن. مال جي وچڙندڙ ۽ خطرناڪ بيمارين تي تحقيقات ڪري، ڪارگر دوائون مهيا ڪيون وڃن. هر يونين ڪائونسل ۾ هڪ مڪمل وٽرنري اسپتال هجي، جتي وٽرنري سرجن هجي.

٤- هر يونين ڪائونسل ۾ وڏا وڏا گدام ٺاهيا وڃن، سُڪارن ۾ هتان گاهہ، گوار، گوراٽي، ٻاجهر ۽ مال لاءِ ٻيو چارو سرڪاري طور خريد ڪري، گدامن ۾ محفوظ ڪيا وڃن. ائين بئريج ايريا مان اناج، گيهہ ۽ ٻيون گهربل شيون آڻي، هتي اسٽاڪ ڪيا وڃن، جيئن ڏڪارن ۾ ڪم آڻي سگهجن.

- مُلنم ٿري

---

◉ "آمر جيترو گهڻو ويهندا، اوترو وڌيڪ ترسڻ لاءِ سندن بک وڌندي."

(رسل RUSSELL)

◉ "دنيا جيئن هڪ غمگين جڳھ ٿي وڃي جيڪڏهن اتي ڪي ديوانا شاعر نہ رهن."

(هيمنگوي HEMINGWAY)

◉ "ڪو تحفو اسان کي اهڙي ڪا قوت ڏي، جو اسين پاڻ کي ائين ڏسي سگهون جيئن ٻيا اسانکي ڏسن ٿا."

(باٿرن BYRON)

◉ "لفظ جيڪي ڪڏهن بہ نہ ٻڌا ويا، بي معني آهن."

(شيڪسپيئر SHAKESPEAR)

# سنڌ قومي اتحاد جي

# وائيس چيئرمين

# اعجاز جتوئي

# سان ڳالھ ٻولھ



طارق اشرف

سوال: اوهين ايس ـ اين ـ كي سنڌي ماڻهن جو اتحاد كيئن ٿا سمجهو، جڏهن ته سنڌ جي سڀ كان وڏي پارٽي پي ـ پي هنن ۾ شامل كانهي. پليجو صاحب، ڄام صاحب ۽ هاڻ سنڌ ساگر پارٽي به ايس-اين-اي كان ڌار ٿي ويئي.

جتوئي: سنڌ قومي اتحاد كي مان سنڌي ماڻهن جو وسيع تر اتحاد سمجهان ٿو. ايس ـ اين ـ اَي نهڻ سان ئي كرائسس جي دؤر مان گذري آهي. ٢٠ مئي تي ايس-اين-اَي ٺهي، ۽ ١٨ جون كان حيدرآباد ۾ فساد شروع ٿي ويا. اتحاد اڃا رڳو مٿين ليول تي ٺهيو هو، تنهنكري هنكي تنظيمي پر ابلم پيش آيا. حيدرآباد ۽ كراچيءَ ۾ دهشت گردن سنڌي ماڻهن جي نسل كشي شروع كري ڏني. ايس ـ اين ـ اَي پنهنجو رول ادا كرڻ شروع كيو، ۽ تنظيمي طور تي هن كي مضبوطي ملندي ويئي.

شروع ۾ پي-پي جو مخدوم خليق به آيو. نيشنل پيپلس پارٽيءَ وارا آيا. اسان كين چيو ته سنڌ جي مسئلن تي اچو ته گڏجي اتحاد ٺاهيون. پر پوءِ فائينل اگريمينٽ ۾ هو نه آيا. پليجو صاحب به اڳ ۾ شامل ٿيو هو. پوءِ الڳ ٿيو، هنجي پنهنجي ڊسيشن آهي. سنڌ ساگر پارٽيءَ جو پنهنجو فيصلو آهي. اسان هنن سان ڳالهايو، هنن اِها ڳالهه مڃي ته اسان اهو فيصلو جلديءَ ۾ كيو آهي. شايد هو پنهنجو فيصلو مٽائين.

سوال: ويجهڙائيءَ ۾ سائين جي-ايم ـ سيد، ايس-اين-اَي جي هك ميٽنگ ۾ چيو هو ته اسين آءِ ـ جي ـ آءِ سان گڏجي پي ـ پيءَ جي حكومت كي ڊاهنداسين. ڇا آءِ-جي-آءِ، پي-پيءَ كان وڌيك چڱي آهي.

جتوئي: آءِ-جي-آءِ سنئين سڌي فوج جي كرينو آهي. ۽ پاكستاني فوج جو كردار اِهو رهيو آهي ته هن سدائين انهن طبقن جو ساٿ ڏنو آهي، جيكي طبقا ننڍي قومن كي پائمال كندا آهن. ۽ انهن جي ذريعن تي قبضو كيو ويٺا آهن. سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏا استحصالي طبقو پنجابين جو آهي. جنهن كي فوج ۽ آمريكي سامراج جو سهكار حاصل آهي. پي-پي ۽ آءِ-جي-آءِ جي وچ ۾ جيكا رسه كشي آهي، سا سنڌ جي مسئلي تي كانهي. اها وزارت اعظمي جي كرسيءَ جي كري آهي، ۽ ايم ـ كيو ـ ايم انهن كي ڊبل بليك ميلنگ پئي كري. هنن جو انٽريسٽ آهي فقط ڦرلٽ كرڻ ۽ سنڌ جي زمينن ۽ رسورسز كي تقسيم كرڻ. پي ـ پي جيكو ايم ـ كيو ـ ايم سان ٦٠ پوائنٽس تي اكارڊ كيو. انهيءَ ۾ رڳو ٽيكنيكل زبان استعمال كئي ويئي آهي.

وزارت عظميٰ جي كرسي تائين پهچڻ لاءِ، هو مختلف طريقن سان، اينٽي سنڌ فورسز سان تعاون كن ٿا.

سوال: غلام مصطفيٰ جتوئي جي موجوده سياسي كردار جي باري ۾ اوهانجو رايو ڇا آهي.

جتوئي: غلام مصطفيٰ جتوئي جو سياسي كردار سڄي قوم جي اڳيان آهي. سياسي طور تي اسان كڏهن به گڏ نه رهيا آهيون. اسان جا ساٿس خانداني تعلقات تمام پراڻا آهن. مٺي مائٽي پاڻ ۾ كانهي. پي-پيءَ جي پهرين دور ۾ جڏهن بابا پي-پيءَ ۾ شامل ٿيو هو ته ڇهن مهينن ۾ ئي، سنڌ جي مسئلن تي ۽ مارشل لا جي جاري ركڻ تي، غلام مصطفيٰ خان جي چيف منسٽر هوندي، اسان مخالفت كئي سين. اڄ

Gul Hayat Institute

مسئلي تي سنڌي ماڻهن اسان کي اعتماد ۾ ورتوئي ڪونه. ۽ نه اهو سمجهايو ويو ته اهو ڪيترو هاڃيڪار آهي ته جيئن اسان ساڻ ڏيئي سگهون ها.

جتوئي: ائين ناهي. ١٩٨٥ع ۾ جڏهن بابا ايم-اين-اي هو، ته هن اُتي ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ريزوليوشن آندو هو. ريزوليوشن جا سيئي فيسز سنڌي ماڻهن طئي ڪيا هئا. انهيءَ ڪان پوءِ اٿورائيز ڪيو ويو ته سنڌ ۾ رهندڙ جيڪي به طبقا آهن، انهن جي نمائندن ايم-اين-ايز سان ڳالهايو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪجهه سنڌي ميمبر انهيءَ ڏينهن آيائي ڪونه. بابا مولانا ندويءَ کي تفصيلي طور تي سمجهايو. ٽيڪنيڪل ماهر موجود هئا، جن جي راءِ ورتي ويئي. بابا ڪالاباغ ڊيم تي اسيمبليءَ مان واڪ آئوٽ ڪيو هو، ۽ مولانا به واڪ آئوٽ ۾ ساٿ ڏنو. جيڪو واڪ آئوٽ ڪري سگهي ٿو، اُهو ڪا راءِ رکي واڪ آئوٽ ڪندو. ڪو ريزن ڏيئي واڪ آئوٽ ڪندو. اصل ۾ مولانا صاحب جو پرابلم ڪجهه ٻيو آهي. جنهن جو اسان وٽ حل ناهي.

سوال: ڪالاباغ ڊيم جو ذڪر نڪتو آهي ته ٻڌايو هن وقت ڪالاباغ ڊيم جي پوزيشن ڇا آهي. ڇا اهو ٺهڻ رڪجي ويو آهي. جيئن پيپلز پارٽيءَ وارا چون ٿا ته اسين هن کي ٺهڻ نه ڏينداسين.

جتوئي: ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آهي ته هن ملڪ جا حاڪم به ڪوڙا آهن. چيف منسٽر ڪان وٺي، سڀني جي هڪ لائين آهي. اڄ جڏهن اعتماد جي ووٽ جي موومينٽ ٿي هلي ته ڊاڪٽر اسماعيل اُڏيجي کي ياد پيو آهي ته سنڌ جي حقن جي سودي بازي نه ٿيندي. ڪالاباغ ڊيم نه ٺهڻ ڏبو. پر اوهان کي ياد هوندو ته اهوئي ريزوليوشن پي-پي جي هڪڙي ميمبر پيش ڪيو هو ته پي-پي وارن هنکي بلاڪ ڪرايو هو، سنڌ اسيمبليءَ ۾. پيپلز پارٽي پنهنجي پهرين بجيٽ ۾ ڪالاباغ ڊيم لاءِ هڪ ارب چاونجاهه ڪروڙ رپيا رکيا. ڪالاباغ ڊيم اسڪيم کي جاري ڪرايو ويو. ۽ اسانجي انفارميشن مطابق ٽري ڊفيز ۾ ڪم هلي پيو. البت يا شاڊيم تي به هنن انويسٽيگيٽ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. توهان کي ياد هوندو ته هنن جيٰ واپڊا جي منسٽر فاروق لغاري صاحب تازو اهو بيان ڏنو هو ته - ايڪ ڪالا باغ ڊيم ڪيون. هم دس ڊيم بنائينگي. وه پاڪستان ڪي ترقي ڪي ليي ڪام آئينگي.

اسان جڏهن پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ دشمن ٿا چئون ته ان جا باقاعدي ثبوت موجود آهن. جيڪڏهن هو اهڙي ڪا به ڪانفرنس ڪرائڻ چاهين، جنهن ۾ سنڌن ليڊر ويهن ۽ اسان به ويهون ۽ عوام به ويهي ته سچي حقيقت پڌري ٿي پوندي.

ڪالاباغ ڊيم ٽري ڊفيز ۾ اڳ ۾ ئي آهي. تنهنڪري پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ سان، ان جي رڪجڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هڪ ارب چاونجاهه ڪروڙ روپيا ڏنا ويا آهن. هڪڙي به پيپلز پارٽيءَ واري کي همت نه ٿي آهي ته ان جي ترديد ڪري ته اسان پئسا ڪونه ڏنا آهن. اسان هن اسڪيم تي ڪم روڪيو آهي. ڪالاباغ ڊيم جي جيڪا سائيٽ آهي، اُتي باقاعدي گارڊ آهي. ان جي ٻاهران فوجي گهيرو ڪيو ويٺا آهن، ۽ ڪنهن به سولين کي اُتي وڃڻ جي اجازت ناهي. ڪالاباغ ڊيم جي اوريجنل پروپوزل ١٩٧٥ ۾ ڀٽي صاحب واري ڪئبينيٽ ۾ آئي. هنن ان ڳالهه کي مڃي هڪ ڪميٽي به ٺاهي هئي. اُها ڪميٽي رپورٽ نه ٺاهي سگهي يا ڀٽو صاحب جلدي هليو ويو. ڪالاباغ ڊيم تي ڪم ضيا شروع ڪرايو. ۽ ڪالاباغ ڊيم کي بجيٽ ڏياري، پيپلز پارٽي به ان ۾ ساٿاري ٿي آهي.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ پروپوزل آيو آهي ته سيوهڻ بئراج ٺاهيو. اوهان ڇا ٿا سمجهو، انهيءَ سان سنڌ کي فائدو رسندو.

جتوئي: مان سمجهان ٿو ته سٺو پروپوزل آهي. ڪافي بيرل ايريا پئي اهي، ان ايريا کي فائدو ملندو. البت اهو ضرور ڏٺو وڃي ته سيوهڻ بئراج جو مقصد عام ماڻهوءَ کي فائدي جو هجي. ائين نه ته اُتي رڳو عبدالله شاهه، ڪوڙل شاهه ۽ اهڙيون جيڪي ٻيون قوتون آهن، انهن کي پاڻي ملي. جيئن منڇر مان به هڪ واهه نڪتل آهي، جيڪا سڄي لفٽ رڳو پنهنجي ماڻهن کي ڏني اٿئون.

سوال: ڪوڙل شاهه ته سنڌن پارٽيءَ جو ڪونهي.

جتوئي: اسپيڪر عبدالله شاهه جو ويٺو آهي. اُتي گهڻي ۾ گهڻيون زمينون عبدالله شاهه جون آهن.

سوال: هينئر بهارين جو ذڪر نڪتو هو. بينظير صاحبه بنگلاديش ويئي هئي، پر بهارين لاءِ ڪو سمجهوتو ڪونه ڪيائين مليشيا ۾ ته چيائين ته اسين بهارين کي نه اچڻ ڏينداسين.

جتوئي: مليشيا واري اسٽيٽمينٽ ته منهنجي خيال ۾ ٺيڪ ٺاڪ هئي. پيپلز پارٽيءَ جا ٻيا به ڪيترا ماڻهو قومپرستي وارا بيان ٽئين چوٿين مهيني ڏيئي ڇڏيندا آهن. پر عملي طرح سان ڪم ڪونه ٿا ڪن. ڇا موتمر اسلام جي فنڊ ۾ ٢٥٠ ڪروڙ رکيا ويا يا نه، جواب آهي ته رکيا ويا آهن. بجيٽ جا ڪتاب موجود آهن. اهي ماڻهو سياسي بي ايمان آهن، جيڪي اسٽيج تي نچي ۽ قومپرستيءَ جي ڳالهه ڪري، اشوز جي ڳالهه ڪري، جڏهن عملي طرح اسيمبلين ۾ اچن ٿا، ته انهن کي اوهان ڏٺو. جڏهن مان سينيٽ ۾ بهارين جو اشو کڻي آيس، مون خليق الزمان، قربان علي شاهه، راڻا چندر سنگ ۽ ٻين ڪيترن سنڌ جي ميمبرن کي عرض ڪيو، سائين غلام مصطفيٰ شاهه انهيءَ وقت وزير ڪونه هو، مون کيس به چيو ته مان سينيٽ ۾ اها ڳالهه کڻان ٿو، اوهان قومي اسيمبليءَ ۾ اها ڳالهه کڻو. گڏيل پريشر پوندو ته ڪم ٺيڪ ٿي ويندو. مونکي سائين غلام مصطفيٰ شاهه جواب ڏنو ته بابا مان ڇا ڪريان. پارٽي جهلي ٿي ته بهارين جو مسئلو نه کڻو. اهو ڪانٽروينشل آهي. اهو کڻنداسين ته ايم-ڪيو-ايم ڪاوڙجي ويندي. حڪومت ڪري پوندي اسانجي. انهيءَ ڪري مان مجبور آهيان. جڏهن مون سينيٽ ۾ تقرير ڪئي ته مخدوم خليق الزمان منهنجي تقرير ۾ اچي ويٺا هئا. مان ٻاهر نڪتس ته ماڻهن جي سامهون مونکي چيائين - مان گنهگار آهيان. مان توهان ڪان معافي ٿو گهران. مون کيس جواب ڏنو ته مخدوم صاحب، مونکان ڇو ٿا معافي گهرو. معافي وڃي پنهنجي قوم ڪان وٺو. پنهنجي ووٽرن ڪان وٺو. توهان ته ووٽرن کي چيٽنگ ڪئي آهي. توهان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف جلوس ڪڍيا. توهان سنڌ جي اشوز جي ڳالهه ڪئي. اڄ جڏهن توهان اسيمبلين ۾ آيا آهيو ته پريڪٽيڪلي ڪا ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهيو.

جيڪي بهاري پڪڙجن ٿا، انهن کي ڪير ٿو ڇڏائي. اسان جي چوڪرن غير قانوني طور تي آيل بهارين کي پڪڙيو، پر هنن ڇڏائي

Gul Hayat Institute

## مهاجر رابطه ڪائونسل جي صدر

# وصي مظهر ندوي

## سان ڳالهه ٻولهه

طارق اشرف

سوال: ايترن سالن کان سياست ۾ آهيو. پر پوين هڪ ٻن سالن کان مهاجرن جي حقن جي ڳالهه شدت سان ڪرڻ لڳا آهيو. اڳ ۾ ڇو نه.

ندوي: پهرين ملڪ ۾ اصولن ۽ پروگرام جي سياست هلندي هئي. جڏهن پاڪستان جي بنيادي مقصد کي نظرانداز ڪيو ويو. قوم جي بدران پاڪستاني قوميت جي نظرئي کي اختيار ڪيو ويو. ان جي نتيجي ۾ لساني ۽ علاقائي قوميتن جو دور شروع ٿيو. انهيءَ نتيجي ۾ اصولي سياست ڪمزور ٿي ويئي. پوءِ هڪ وقت اُهو آيو جڏهن اسين حيران ٿي وياسين ته اُهي مهاجر، جيڪي سدائين اسلام ۽ پاڪستان جا حامي رهيا آهن، اُهي به مهاجر به قوميت جي نعري پٺيان ڀڄڻ لڳا. جيئن محترم جي- ايم - سيد جي اسلام جي خلاف ڳالهين ڪري، سنڌ جا ڪيترائي نوجوان مذهب کان ڦري ويا. اهڙيءَ ريت مهاجر نوجوان به مذهب کان ڦري وڃن ها. تنهنڪري ڪين انتها پسند قوميت جي تصور کان هٽائڻ ضروري هو. ۽ مون اِها واٽ ورتي.

سوال: اوهانکي عالم دين ڇيو ٿو وڃي، پوءِ اوهان محبت بدران نفرت کي هوا ڇو پيا ڏيو.

ندوي: اِهو اوهانجو پنهنجو خيال آهي. مان کهڙو جواب ڏيئي ٿو سگهان. جيستائين اهو نه پتو پوي ته منهنجي ڪهڙي ڳالهه مان اوهان نفرت جو اندازو لڳايو. مون انهيءَ ڳالهه لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ۽ غير سنڌين جي وچ ۾ ٻڌي، اتحاد ۽ محبت پيدا ٿئي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري آهي. پر مصيبت اِها آهي ته هتي ثقافت ۽ تهذيب زوري مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. زوري مڙهيل ثقافت کي ماڻهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن.



سوال: سڄي پاڪستان ۾ سنڌين سڀ کان وڌيڪ مهاجرن جو آدرڀاءُ ڪيو. هاڻ اوهان سنڌين خلاف تقريرون پيا ڪريو.

ندوي: مونکي ته پنهنجي ڪا به تقرير سنڌين خلاف نٿي ملي. اوهان کي خبر هجي ته ٻڌايو.

سوال: اوهين مذهبي ماڻهو آهيو. اوهان مذهب جي بدران سياست ڏانهن ايڏا مائل ڇو آهيو.

ندوي: مان سياست کي مذهب کان الڳ نٿو سمجهان.

سوال: اوهان مذهبي ماڻهو آهيو. سنڌي ۽ مهاجر مسلمان آهن. مسلمان هئڻ جي ناتي، اوهان لاءِ ٻئي برابر هئڻ گهرجن. پر اوهان رڳو مهاجرن جي حقن جي ڳالهه ڪريو ٿا.

ندوي: توهان ڪجهه فيصلا پهرين کان ڪري ورتا

## اُهي مهاجر، جيڪي سدائين اسلام ۽ پاڪستان جا حامي رهيا آهن. اُهي مهاجر بہ قوميت جي نعري پٺيان ڀڄڻ لڳا

آهن. مونکي ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ مان هڪ محافيءَ سان ڳالهائڻ بدران، ڪنهن عدالت ۾ جرح جي ڪٽهري ۾ بيٺو هجان، ۽ پاڻ تي هنيل الزامن جي صفائي پيش ڪري رهيو هجان. انسان جو پنهنجو گھر، پنهنجو خاندان هوندو آهي، جنهن ڏانهن لاڙو وڌيڪ هوندو آهي. منهنجو تعلق مهاجر گھراڻي سان آهي. انهيءَ لاءِ مان هنن جي مسئلن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيندو آهيان. انهيءَ جو اِهو مطلب ڪونهي تہ مان سنڌين جو دشمن آهيان.

سوال: اوهان پٺاڻن ۽ پنجابين سان اتحاد ڪيو آهي، پر سنڌي سان نہ.

ندوي: مون هنن سان ڪهڙو اتحاد ڪيو آهي.

سوال: هينئر اوهان جيڪو جلسو ڪيو، ان ۾ پنجابي ۽ پٺاڻ سڏايا ويا هئا.

ندوي: اسان تہ سنڌين کي بہ دعوت ڏني. مير رفيق ٽالپر ۽ قاضي اعظم کي دعوت ڏني، پر هو نہ آيا.

سوال: ڪهڙو سبب آهي جنهن شيءِ کان سنڌ ۽ سنڌين کي نقصان رسندو آهي، سنڌي جڏهن انهيءَ جي مخالفت ڪندا آهن تہ مهاجر ساٿ نہ ڏيندا آهن. جيئن سنڌ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جي تحريڪ هلي تہ مهاجرن ساٿ نہ ڏنو. ٨٣ واري جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ هلي تہ بہ ساٿ ڪونہ ڏنائون. هاڻي جڏهن ڪالاباغ ڊيم جي سنڌي مخالفت ڪري رهيا آهن، تہ بہ مهاجر ساٿ نہ پيا ڏين.

ندوي: اوهانجا مثال تاريخي لحاظ کان غلط آهن. ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ مهاجرن ساٿ ڏنو. نواب زاهد علي خان جي بنگلي ۾ ان سلسلي ۾ هڪ ڪانفرنس ٿي هئي. جنهن ۾ محترم جي-ايم-سيد ۽ سنڌ جا ٻيا ليڊر بہ آيا هئا. مان جماعت اسلامي سنڌ جو سيڪريٽري هوس، مان بہ شامل ٿيو هوس. اُتي ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ گڏيل قرارداد پاس ڪئي ويئي هئي.

نہ فقط اِهو، بلڪ يحيٰ خان تمام گھڻي ڪوشش ڪئي هئي تہ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري مهاجرن کي ڏنو وڃي. پر اهي مهاجر ئي هئا، جن انهيءَ تجويز کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت جو مهاجرن کي ڏاڍو تلخ تجربو آهي. ٨٣ واري جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ، پيپلس پارٽي جي ئي تحريڪ هئي. تنهنڪري گھڻي ڀاڱي مهاجرن ساٿ نہ ڏنو. ۽ اڄ بہ مهاجر پيپلس پارٽيءَ تي اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ۽ ائين بہ مهاجرن ڪڏهن Anti State سرگرمين ۾ حصو نہ ورتو اهي، جيئن-ريلن جون پٽڙيون اکيڙڻ، پوسٽ آفيسون ساڙڻ يا ٿاڻن کي باهيون ڏيڻ. مهاجرن اهڙين سرگرمين ۾ نہ اڳ ڪڏهن حصو ورتو آهي نہ وٺندا. جيستائين ڪالاباغ ڊيم جو تعلق آهي، انهيءَ سان سنڌ کي ڪهڙو نقصان پهچندو، سنڌي ڀائرن انهيءَ معاملي تي مهاجرن کي ڪڏهن بہ Confidence ۾ وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. مهاجر، سنڌي ڀائرن جو ساٿ ڏين، ڪهڙن سببن ڪري ڏين. اوهان هڪ ڪم لاءِ اٿيا آهيو تہ دليلن سان ٻين کي هم خيال بڻايو. اسين، جيڪي شهري آبادي آهيون، اسانکي ڪالاباغ ڊيم جي نهڻ سان نقصان جو اندازوئي ڪونهي.

سوال: ڪهڙو سبب آهي تہ فوجي آمرن جي ڪجھ وڏيرن کان سواءِ، سنڌين هميشہ مخالفت ڪئي ۽ مهاجرن حمايت. ايوب خان جي خلاف جڏهن تحريڪ هلي هئي تہ اوهان جي هڪ حمايتي عثمان ڪئنيڊي، ايوب جي حمايت ۾ بک هڙتال ڪئي. ڊڪٽيٽر ضيا يارنهن سال جمهوريت جو گلو گهٽيو، هزارين ماڻهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيئين. هزارن کي ڦٽڪا هنيا، پر مهاجر اڄ بہ هن جي حمايت ڪن ٿا.

ندوي: عثمان ڪئنيڊي اسان جي پارٽيءَ جو نہ آهي، اسان سان تعاون ڪندو آهي. سنڌين، آمرن جي مخالفت ڪئي آهي، واقعا انهيءَ جي خلاف آهن. مڙني سنڌي ليڊرن، هڪ ٻن کي ڇڏي، آمريت جو ساٿ ڏنو آهي. انهن مان فائدا ڪنيا آهن، انهن جي وزارتن ۽ مشاورتن ۾ شريڪ رهيا آهن. ۽ هر طرح جو تعاون ڪيو اٿن. انهيءَ جي ابتڙ اِهي مهاجر ئي هئا، جن ايوب خان جي خلاف تحريڪ هلائي، نيٺ هنکي حڪومت تان هٽايو.

جيتري قدر ضياءَالحق جو تعلق آهي، مان هنکي آمر نٿو مڃان. مان سمجهان ٿو تہ هو ملڪ جو هڪ محبوب ليڊر هو. هو هڪ عوامي تحريڪ جي نتيجي ۾ آيو. عوام هنجو پُرجوش آدرڀاءُ ڪيو. ۽ سندس سڄي زندگيءَ ۾، عوام هن سان گڏ رهيو. ۽ مرڻ کان پوءِ بہ هن سان گڏ آهي. مغرب جي معيار مطابق هو اليڪشن ۾، جنهن ۾ بي ايماني ۽ فريب هوندو آهي، جنهن ۾ پئسو استعمال ٿيندو آهي، جنهن ۾ ڪوڙا ووٽ وڌا ويندا آهن، ان اليڪشن جي ذريعي نہ آيو. ان ڪري هو آمر هو. مان اوهانجي ان معيار کي نٿو مڃان.

سوال: سنڌي عوام تہ سدائين آمرن جي مخالفت ڪئي آهي.

ندوي: مونکي ناهي خبر تہ ڪڏهن ڪئي آهي.

سوال: ورهاڱي وقت، بهاري پنهنجي مرضيءَ سان اوڀر پاڪستان ويا. جڏهن بنگلاديش ٿيو تہ بنگالي، بنگلاديشي ٿي ويا، تہ پوءِ بهاري پاڪستاني ڪيئن ٿيا. انهن کي واپس بهار ڇو نٿو موڪليو وڃي. جيڪو هنن جو اصلي وطن آهي.

ندوي: جيڪي بہ ماڻهو پاڪستان ۾ آيا، اُهي پاڪستان ۾ آيا، ڪنهن صوبي ۾ نہ آيا هئا، بهاري اوڀر پاڪستان ويا هئا. بنگلاديش نہ. جنهن عمل جي ڪري بنگلاديش ٺهيو، هنن ڀرين ڏينهن کان ان کي نہ مڃيو. هنن جو چوڻ آهي تہ اسين ڪلهہ، اڄ ۽ سڀاڻي پاڪستاني ٿي رهنداسين. تنهنڪري ڪنهن کي حق ڪونهي تہ هو هنن کي غير پاڪستاني قرار

Gul Hayat Institute

اڇي. مهاجر سنڌ ۾ رهي ٿو ،اُتي جو ٿو کائي ،اتي ئي ڪمائي ٿو ،اُتي ئي مري ٿو ، دفن ٿئي ٿو. سنڌي ٿيڻ لاءِ اڃا هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي. اوهان مهاجر کي سنڌي مڃوئي ڪونه ٿا ،اوهان سنڌ کي ورهائڻ واري جاءِ تي پهچائي ڇڏيو آهي.

سوال: ڇا اهو صحيح آهي ته ضيا انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿي ويو هو ته انتظامي طور تي سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏجي.

ندوي: منهنجي علم ۾ نه آهي. مان سمجهان ٿو ته اهڙي ڪابه تجويز هنجي ويچار ۾ نه هئي.

سوال: ڇا ايم ـ ڪيو ـ ايم جي عظيم احمد طارق کي اوهان ضيا سان ملايو هو.

ندوي: نه مون عظيم احمد طارق کي ضيا سان نه ،ان وقت جي وزير داخلا نسيم احمد آهير سان ملايو هو .ان وقت مان وزير نه هئس.

سوال: سنڌ ۾ ٿيندڙ فسادن سان سنڌ جي معيشت تباهه پئي ٿئي. ان تباهيءَ کان سنڌ کي ڪيئن بچائجي.

ندوي: قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ گهرجي ،جيڪي به فساد ڪندڙ آهن ، چاهي اُهي مهاجر هجن يا سنڌي ، انهن کي گرفتار ڪيو وڃي. انهن کي سزائون ڏجن.

سوال: سنڌين ۽ مهاجرن ۾ جيڪا نفرت پئي ڦهلائجي ،انهيءَ مان ڪنهنکي فائدو آهي.

ندوي: منهنجي خيال ۾ ،نقصان ئي نقصان پيو ٿئي.

---


ماهوار

**سهڻي**

طرفان

عظيم شاعر

## شيخ اياز

کي ، سندس شاهڪار لکڻين تي

خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار

# شيخ اياز نمبر

هن نمبر ۾ شيخ اياز جو هڪ اڻڇپيل ڪتاب الوداعي گيت ۽ مختلف دؤر جون تصويرون مختلف ليکڪن جا شيخ اياز تي لکيل خاڪا، مضمون ۽ شعر شامل هوندا لکندڙن کي گذارش آهي ته اهي شيخ اياز تي پنهنجيون لکڻيون جلد موڪلين.


Gul Hayat Institute

ڪيو ۽ چيو تہ سنڌ جي ڳالھ تمام سولي آهي. اتي طبقاتي مسئلو آهي. سڄي بدمعاشي وڏيرن جي آهي. ڊاڪٽر ڪيئي سالن کان ڪامريڊن جي واتان ٻُڌل، رٽيل ليڪچر ڏنو ۽ واچ ڏسي چيائين تہ مونکي اجازت ڏيو. مونکي هڪ ٻئي هنڌ وڃڻو آهي. ائين چئي 'جوڳي رمندا ڀلا' وانگر گم ٿي ويو. ڊاڪٽر صاحب جو اهو رويو ڏسي مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو. آءُ وڏيون توقعات کڻي ان دعوت ۾ آيو هوس. مون سوچيو هو تہ پنجاب پ پ جي ليفٽسٽ سان سنڌ بابت کلي ڳالھائڻ جو سونهري موقعو آهي. پر مونکي محسوس ٿيو تہ هنن مان ڪا بہ اميد رکڻ اکين کان انڌيون گهرڻ جي برابر آهي. جيتوڻيڪ ڪجھ وقت اڳ لاهور ۾ ليفٽسٽ پنجابي دانشورن ۽ پنجاب پي پيءَ جي ليفٽسٽ ڌانهن جهڪاءُ رکندڙ ليڊرن سان جڏهن ملاقات ٿي هئي، تہ تمام گهڻي سٺي موٽ ملي هئي. مرحوم وارث مير وسريئي نٿو. پاڻ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو ۽ جنگ اخبار ۾ باقاعدي سياسي ڪالم لکندو هو، جيڪي ڪافي حدتائين متوازن هوندا هئا. انهن ۾ پنجابي شاونزم يا ڪوڙي پاڪستانين جي ڪا بہ جهلڪ نظر نہ ايندي هئي. مون لاهور ۾ هڪ دعوت ۾ سنڌ جي مشڪلاتن جو ذڪر ڪيو هو تہ پروفيسر وارث مير اتفاق ڪيو هو ۽ چيو هئائين تہ هو جلد سنڌ ايندو. مونکان وعدو ورتائين تہ آءُ هن سان سنڌ جو دؤرو ڪيان. ان کان پوءِ ترت جنگ ۾ هن جا سنڌ بابت هڪ بہ مضمون شايع ٿيا، جن ۾ پڻ هن مثبت ڳالهيون ڪيون. پر افسوس جو سنڌ جي دوري کان اڳ، دل جو دورو پوڻ سبب رحلت ڪري ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ لاهور ۾ منهنجي پنجاب جي هڪ ممتاز وڪيل سان پڻ ملاقات ٿي جنهنجو نالو وسري ويو آهي، هن پڻ سنڌ جي مسئلن بابت سٺي موٽ ڏني هئي. پليجي صاحب کان گهڻو متاثر هو. هن خاص علي حيدر شاھ جو ذڪر ڪيو، جيڪو ان وقت راولپنڊي جيل ۾ هو. هو علي حيدر شاھ جو وڪيل پڻ هو. هن علي حيدر شاھ جي زبردست تعريف ڪئي ۽ چيائين مڙس ماڻهو آهي. هيڏين تڪليفن جي باوجود اڃا نہ ٿڪو آهي. چيائين تہ علي حيدر شاھ جي همٿ کي ڏسي اچرج ۾ پئجو وڃي تہ سنڌي ايڏا بهادر آهن. هن شڪايت ڪئي تہ علي حيدر شاھ کي سنڌين سان ملڻ جي ڏاڍي سڪ آهي. پر سنڌي هن جي پرگهور ڪونہ ٿا وٺي لهن. هن مونکان وعدو ورتو تہ جڏهن بہ پنڊي وڃي تہ پنڊي جيل وڃي علي حيدر شاھ سان ضرور ملجانءِ. مون وعدو ڪيو پر افسوس اٿم تہ هڪ ڀيرو پنڊي وڃڻ ٿيو، پر پنجاب جي جيل ۾، نظر بند پنهنجو اهو سنڌي ڀاءُ وسري ويم. جڏهن بہ اها ڳالھ ياد ايندي آهي تہ ڏاڍي شرمساري ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح پنجاب پي پي جي ممتاز رهنمائن وعدو ڪيو تہ هو پارٽي ۾ سنڌ جي مسئلن تي اسٽينڊ وٺندا.

ڪئسينو جي بند هئڻ بابت اهو سوچيندي گاڏيءَ مان پنهنجو هينڊ بيگ کڻي جيئن اڳتي وڌيس، تہ انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڪابل جي بيري اچي هٿ مان هينڊ بيگ ورتو. جيئن مين گيٽ ڏانهن وڌڻ لڳس تہ سامهون لونگي جي وڏي پڳ ٻاڌل وڏين مڇن واري هڪ ٿلهي متاري پٺاڻ، مشڪي منهنجو استقبال ڪيو. هن کي روايتي افغاني ڪپڙا پيل هئا، ۽ ڳچيءَ ۾ قسمين قسمين رنگا رنگي ڳانا پڻ پيل هئس. دنيا جي هر فائيو اسٽار هوٽل جي ٻاهرين دروازي وٽ اهڙو دربان بيٺل هوندو آهي، جيڪو ان ملڪ جي ثقافت جي نمائندگي طور ان ملڪ جو روايتي لباس پهريل هوندو آهي. اسين جڏهن کٽمنڊو جي سوالٽي انٽرنيشنل هوٽل ۾ داخل ٿيا هئاسين، تہ اتي بہ ان قسم جي آجيان ٿي هئي ۽ اُتي نيپالي روايت مطابق، هڪ وڏو چمڙي جو توتارو وڄائي اسان جو استقبال ڪيو ويو هو، اڃا هنن پنهنجون اُهي سموريون رسمون پوريون نہ ڪيون هيون جيڪي هو ٻاهران ايندڙ مهمانن جي آجيان ڪرڻ وقت ڪندا آهن. ريتون هندو مذهب واريون هيون، جن مطابق هنن کي مهمانن جي پيشانين تي رنگين نشان (تلڪ) هڻڻا هئا، پر پاڪستاني سفارتخاني وارن ۽ پي آئي اي جي کٽمنڊو واري جنرل مئنيجر جي منع ڪرڻ تي اهي رسمون هنن منسوخ ڪري ڇڏيون هيون. ان ڳالھ جو هنن کي ڏاڍو افسوس هو.

ٻئي ڏينهن جڏهن مونکي اها خبر پئي، تہ مونکي بہ ڏاڍو افسوس ٿيو. پر پوءِ سوچيم تہ اسان وارين پنجابي عملدارن جو ڏوھ نہ آهي، جڏهن هنن کي اسان سنڌين جا رسم نہ وڻندا آهن، ۽ اُهي بہ هنن کي هندن جون رسمون لڳنديون آهن، تہ نيپالي رسمون تہ هنن کي ڪافرن جون لڳڻ گهرجن. اها ڳالھ شايد تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هجي تہ نيپالي پنهنجي ملڪ جو تعارف دنيا جي واحد هندو رياست طور ڪرائيندا آهن. شروع شروع ۾ مونکي بہ تعجب ٿيو تہ هندستان بہ هندو رياست آهي، پر پوءِ هڪ نيپاليءَ ٻڌايو تہ هندستان سيڪولر ملڪ آهي، تنهنڪري نيپالي اهو تعارف ڪرائڻ ۾ حق بجانب آهن.

ڪابل انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل جي دربان وڏي آواز ۾ تشڪر تشڪر چئي اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. لفظ تشڪر جي معني 'مهرباني' (Thanks) آهي. افغانستان ۾ ترسڻ دوران اسان اهو لفظ ايترو ٻڌو، ۽ خود اسان اهو لفظ استعمال ۾ آندو هو، جو اسين ان لفظ جا عادي ٿي وياسين، ۽ واپس ورڻ کان پوءِ دهليءَ توڙي ڪراچيءَ ۾ ڪيترا ڏينهن هڪ ٻئي سان ملڻ، الڳ ٿيڻ وقت تشڪر تشڪر چئي ملندا هئاسين، يا جدا ٿيندا هئاسون.

هوٽل ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ سڀ ڪائونٽر وٽ جمع ٿياسين، جتي مئنيجر وڏي حب مان اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. اسان جي اڳيان رجسٽر رکيو ويو، جنهن تي اسان پنهنجو نالو لکيو، اسان مان هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي ڪمري جي چاٻي ڏني وئي. مون کي ڪمرو نمبر ٢٠٧ مليو. آءُ جيئن لفٽ ڏانهن وڌڻ لڳس تہ اسان جي ميزبان عباس ڪرگل مونکي ٽائيپ ٿيل ٽي چار پنا ڏنا، ۽ چيو تہ هي افغانستان ۾ اوهان جي رهڻ

جو پروگرام آهي. هن چيو تہ توهين اڌ ڪلاڪ اندر ٻاٿ وغيره ڪري، ڪپڙا بدلائي هيٺ اچي گڏ ٿيو، تہ جيئن لنچ ڪجي. ان کان پوءِ افغانستان يونين آف جرنلسٽس جي عهديدارن سان رسمي ملاقات ڪرڻ لاءِ هلڻو آهي. هوٽل ۾ ڪارپيٽنگ وغيره ٺيڪ ٺاڪ ٿيل هئي. البت گهما گهمي تمام گهٽ هئي. ائين لڳو ڪافي عرصي کان پوءِ ايتري تعداد ۾ اسان جي ٽيم رهڻ لاءِ هوٽل ۾ آئي هئي. لفٽ ذريعي سيڪنڊ فلور تي پهتس جتي منهنجو ڪمرو هو. ڪمرو کولي اندر داخل ٿيس. دنيا جي هر فور ۽ فائيو اسٽار هوٽل وانگر هي سنگل ڪمرو بہ ڊبل بيڊ وارو هو. بيڊ ۽ ڪرٽينس وغيره سڀ ٺيڪ ٺاڪ هئا. البت ڪجھ شيون غائب لڳيون، جيڪي انهن هوٽلن ۾ ضرور هونديون آهن. مثال طور مني ريفريجريٽر وغيره. جنهن ڪي مني بار چيو ويندو آهي. افغانستان ٿڌو ملڪ آهي، تنهن ڪري اتي بہ يورپ وانگي ايئر ڪنڊيشنڊ جي ضرورت نہ هئي. مون بئگ کولي ڪپڙا ڪڍي وارڊروب ۾ ٽنگيا. ڪجھ ٿڪاوٽ محسوس ڪيم، سو نرم نرم بيڊ تي ليٽي پيس ۽ پروگرام وارا ٽائيپ ٿيل ڪاغذ پڙهڻ لڳس.

پروگرام مطابق تازا توانا ٿي هيٺ لهڻ کان پوءِ، هوٽل جي ڊائننگ هال ۾ گڏجي لنچ ڪائڻي هئي. ان کانپوءِ افغانستان يونين آف جرنلسٽس جي قيادت سان ملاقت ڪرڻي هئي. اٽڪل ڇئين وڳي شام جو افغانستان جي فوجي صورتحال بابت هڪ اخباري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. ان کان پوءِ افغانستان جي هڪ ڊاڪيومينٽري فلم ڏيکارڻ جو پروگرام هو. آخر ۾ انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ رات جي ماني کائڻ سان گڏ، افغانستان جي ڪلاسيڪل موسيقي جو پڻ پروگرام هو. ٻئي ڏينهن يعني ٽين جولاءِ تي، پروگرام مطابق صبح جو ناشتي ڪرڻ کان پوءِ، ڪابل سٽي بيلٽ جي هڪ سيڪيورٽي پوسٽ جو معائنو ڪرڻو هو. لنچ کائڻ کان پوءِ، واپار واري وزير ۽ ڪابل شهر جي ميئر جي پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. شام جو ڪابل شهر جي مختلف حصن جو سير ڪرڻو هو. رات جو واپس هوٽل ۾ اچي، رات جي ماني کائڻ ۽ ڪابل جي مقامي موسيقي ٻڌڻ جو مزو وٺڻو هو. ٽئي ڏينهن، چوٿين جولاءِ تي، ناشتو ڪرڻ کان پوءِ، وطن نرسري يا پرورش گاهه وطن ۽ سعيد جلال الدين فارما سيوٽيڪل سينٽر جو معائنو ڪرڻو هو. ان کان پوءِ افغانستان جي پرڏيهي معاملن واري وزير جناب عبدالوڪيل سان ملاقات هئي، پوءِ افغانستان يونين آف جرنلسٽس طرفان ڏنل منجهند جي ماني کائي، هڪ اهم شخصيت سان ملاقات ڪرڻ ۽ پڪڙيل هٿيارن جو عجائب گهر ڏسڻو هو. ان کان پوءِ اسلامي معاملن جي وزير سان ملاقات ڪري، رات جو واپس انٽر ڪانٽيننٽل اچي رات جي ماني کائڻي هئي ۽ ان رات ستار ۽ زرياغلي تي افغاني موسيقي جو پروگرام هو. چوٿين ڏينهن يعني، پنجين جولاءِ تي جلال آباد وڃڻو هو ۽ اتي جلال آباد جي گورنر مانوڪي مينگل سان ملاقات ڪرڻي هئي. واپس ڪابل ورڻ کان پوءِ، ساڳئي ڏينهن افغانستان جي صدر ڊاڪٽر نجيب الله سان ملاقات طئي ٿيل هئي. پنجين يعني آخري ڏينهن، شهر جي هڪ اهم هنڌ جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ، شاپنگ ڪرڻ ۽ پوءِ واپس دهلي ورڻو هو. پروگرام پڙهي محسوس ڪيم تہ ٺيڪ ٺاڪ آهي، نہ فقط صدر نجيب، پرڏيهي وزير عبدالوڪيل، پر ٻين ڪيترن اهم شخصيتن سان ملاقات ڪرڻ کان سواءِ، جلال آباد وڃڻ جو پڻ پروگرام هو. جلال آباد ڏسڻ جو تمام گهڻو شوق هو، جو ڪيترن ڏينهن کان پاڪستان ۽ مغربي اطلاعاتي ذريعن کان اها پروپئگنڊا ٿي رهي هئي تہ جلال آباد تي 'مجاهد' سڄورن قبضو ڪري ورتو آهي. هڪ ڀيري تہ اهو پڻ اعلان ڪيو ويو تہ جلال آباد جي هوائي اڏي تي 'مجاهد' سڄورن قبضو ڪري ورتو آهي، هاڻ ۲۴ ڪلاڪن اندر مجاهد جلال آباد تي قبضو ڪري وٺندا. جڏهن پاڪستان ۾ اها خبر آئي تہ اسانجي 'اصل تي وڏي' پاڪستانين ۽ 'مسلمان' ڀائرن جو 'جوش ايماني' ڏسڻ وٽان هو، هر هڪ صلاح الدين ايوبي ۽ طارق بن زياد بڻيو پئي گهميو.

مونکي اسانجن انهن 'اصل تي وڏي' پاڪستاني ۽ مسلمان ڀائرن تي هميشہ ڏاڍي کهل ايندي آهي. پاڪستان جي گذريل چاليهن سالن جي عرصي ۾، اسان وارن ناٽکي حڪمرانن، خبر نہ آهي ڪيترا ڀيرا اسانجن انهن 'ڀائرن' جي 'جوش ايمانيءَ' جو امتحان ورتو ۽ ڪيترا ڀيرا هنن جا اهي 'ايماني نشا' ٽٽا هوندا. پر جن جي تربيت ئي ڪوڙ سان ٿي هجي. جن جي 'جوش ايماني' جي آڪسيجن ئي ڪوڙ، دوکو ۽ دولاب هجي، ۽ جيڪي هر وقت ڪوڙ ٻڌڻ ۽ ڪوڙ تي نچڻ ۽ نچڻ لاءِ سندرو ٻڌيو ويٺا هجن، تن سان ڪو ڪيتري همدردي ڪري سگهي ٿو؟ اسانجن انهن ڀائرن جي 'جوش ايماني' جو پارو ان ڏينهن ستين آسمان سان ڳالهائي رهيو هو، جڏهن ۱۹۷۱ جي جنگ ۾ ڊاڪا پليٽ ۾ رکي جنرل اروڙا جي حوالي ڪرڻ ۽ پاڪستاني جهنڊو لاهي، انهن جي حوالي ڪرڻ جي باوجود، پاڪستان جو ريڊيو انتهائي بي شرمائيءَ سان اعلان ڪندو رهيو تہ اسانجون فوجون ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌي رهيون آهن. پر ٿورن ڪلاڪن اندر جڏهن اعلان ڪيو ويو تہ اهو سڀ ڪوڙ هو ۽ پاڪستاني جنرل اوپر پاڪستان هارائي، دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري چڪو آهي، تہ همراهن جا 'ايماني نشا' ٽٽي پيا. ان جي باوجود، ان کانپوءِ اسانجن همراهن جا ايماني نشا ٿورن ڏينهن اندر وري ساڳيا چوٽ تي وڃي پهتا.

سو جڏهن پروگرام ۾ اهو پڙهيم تہ جلال آباد وڃڻو آهي تہ واقعي خوشي ٿي. بستري تي ليٽي اڃا اهو سوچيم پئي تہ مجاهد جو سندس روم مان ٽيليفون آيو ۽ چيائين تہ، سڀهي نہ رهجان، فوري طور ٻاٿ ڪري، هيٺ لهو، ڇو جو هيٺ ميزبان لنچ تي اسانجو انتظار ڪري رهيا آهن. مجاهد شايد اهو ٽيليفون سيني ڪي ڪيو. هو پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪري رهيو هو. آءُ بستري تان ٻُل ڏيئي اٿيس. بستري جي پر سان ٽيبل تي ريڊيو جو بٽڻ ڦيرايم، پشتو ۾ ڪو گيت اچي رهيو هو. ڏن رومانوي هئي. آءُ افغاني قوم جي رومانوي حس ڪي سلام ڪرڻ لڳس. جهڙي جنگ سامراجين افغانستان تي مڙهي آهي، جيڪڏهن ان جنگ جي چوٿين پتي بہ پاڪستان تي مڙهجي ها تہ اسانجا ريڊيو ۽ ٽيليويزن



غلام نبي مغل جو ڪالم

هر ملڪ ۾ ملنگ موجود آهن. سچ ۽ ڪوڙ ڏسن ٿا.پر ڪن ٿا. عذاب ۽ اَذيتون سهن ٿا ۽ پوءِ بہ نينهن جا نعرا هڻي ,نڪري نروار ٿين ٿا. اڳيان هلي مانگن جو ذڪر ڪريان ,انهيءَ ڪان پهرين ٻن ملنگن جي ذڪر خير سان بسم الله ڪجي. هڪ تہ لٿن آمريڪا جي ملڪ چليءَ جو ملنگ وڪٽر هارا آهي ۽ ٻيو پنهنجي پنجاب جو ديسي گيهہ جهڙو ڳيرو ملنگ جوان. پهرين ديس جي ڳالهہ ڪجي. پنجاب جي لوڪ گيت ماهيا جون ٻہ ٽي سٽون هن ريت آهن:

"رب ڪري تہ
سهٽيون ڇوڪريون سڀ
مري ٿين مات
جِن ڳيرو ڇوڪرا سڀ
ملنگبڻائي ڇڏيا."



سو پنجابي ڳيرو ڇوڪرا هڙيئي ملنگ بنجي رول ٿيا. عذاب سهڻ لڳا، ۽ سهٽيون ڇوڪريون وري پنهنجين اذيتن ڏيڻ واري ڪرت کي لڳيون پيون هيون. پاڙا تپائي ڇڏيائون. ملڪ مولا جو اڪرين جي انبورن اڳيان سٽ سهي نہ سگهيو ۽ پوءِ سيڪ آيو پر پاسي جي پرديسين کي ۽ ائين عذاب جون ساعتون قائم ۽ دائم رهيون. ٻئي لٿن آمريڪن ملنگ جي بہ ٻڌو. 'وڪٽر هارا' ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ چليءَ جو 'علڻ فقير' هو. علڻ فقير ڳائڻ ۾ شايد وڪٽر هارا کان گهٽ نہ هجي، پر جيڪي عوامي گيت وڪٽر هارا، عوام جي هشامن ۽ شهرن جي چونڪن تي

بيهي ڳائيندو هو تن ۾ عام ماڻهن کي انقلاب ۽ جدوجهد ڏانهن واضع طور تي سڏ ڏيندو هو ,تنهن کي ويچارو علڻ فقير ڪيئن پڄي؟ ڏاڍ جي رڳو هڪ هلڪي ڦلڪي موسيقيءَ تي ٿي همراهہ ، ڪنهن صوبيدار جي سالي يا ميجر جي مامي جي گهر ، سُر ڪاپائتي ۽ يڪتاري جي ڇپر ڇڏڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيندو. متان پوتار ڪاوڙجي پوي ۽ اهو يڪتارو مٿي تي پڇي پورو ڪري ڏينس. پر ١٩٧٣ع ۾ چليءَ جي عوامي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ، فوجي جُنٽا ,اُنهن سيني ساهہ وارن کي اذيتون ڏنيون ، جن جي ڪِرت ، ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جي هئي. وڪٽرا هارا کي بہ فوجين پڪڙيو ۽ ڪيس شهر جي اسٽيڊيم ۾ وٺي ويا ۽ ڳائڻ تي جبري طور مجبور ڪيائون. جنهن مهل وڪٽو هارا پنهنجي حياتيءَ جو آخري گيت ڳائي رهيو هو تہ اُن وقت ڪيس مارڻ بہ لڳا ۽ سندس آڱرين جي هڏين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. پوءِ بہ هن انقلابي گيت ختم نہ ڪيو. سندس اکين ۾ نيٺ رت پرجي آيو ۽ سندس جنسي عضون کي چِٿي ڇڏيائون. اُنهيءَ ملنگ وڪٽر هارا جي آخري گيت جون ڪي سٽون ,اوهان بہ ٻڌو: ڪيتري انسانيت هاڻ درد , دهشت ۽ خوف منجهہ آهي ,
اسين ڇهہ ڄڻا هئا سين -
جي پولار ۾
تارن منجهہ وڃائجي ويا سين.
هڪ دم ڏنو.
ٻئي کي ايڏي مار پئي
جو مونکي ويساهہ ئي نہ اچي تہ
انسان کي ايڏي مار ڪٽ ٿي سگهي ٿي.
باقي چار ويچارا ,
مڙني خوفن کان ڇٽڻ چاهين ٿا ,
هڪ پولار کي اورانگهي پيو ,
۽ باقي پٿ سان ڦاٽرين پيا
پنهنجا مٿا!
سندن نيڻن ۾ موت جميل آهي
۽ لشڪر پنهنجو ڪم پورو ڪيو
رت انهن لاءِ تمغو آهي
۽ قتلام - مردانگي ۽ بهادريءَ جو نشان.
۽ ڪيترن ڏينهن ڪان پوءِ ، وڪٽر هارا جو لاش ، سنياڳو شهر جي ڪنهن رستي تي پيو هو. ماڻهن ڏٺو. ماڻهو خاموش رهيا ۽ ماڻهن کي سندس گيت ياد

Gul Hayat Institute


سُهڻي
امداد، سحرءِ سنڌياڻي

سهڻي



سنڌ قومي اتحاد

# اعجاز جتوئي

**سنڌ کي جيڪڏهن برباد ڪيو ويو، ته سنڌ برباد ڪانه ٿيندي سڄو پاڪستان برباد ٿي ويندو.**

سهڻي کي ڏنل انٽرويو مان



Gul Hayat Institute


سُهڻي
ادب ۽ فن ماضيءَ جي ظلم ۽ حال جي ذلتن
کان نفرت ڏياريندو آهي. حال جي
جدوجهد ۽ مستقبل جي انهن راهن ڏانهن
اشارو ڪندو، مرده دلين ۾ ساهه وجهندو آهي.
ڪتاب 'جي تون چورين چنگ مان'
سنڌي اتحاد
رسول بخش پليجو

سُهڻي

امداد حسيني

## شاعريءَ مان

(چپيل)

سنڌي ماڻهو جت
دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾
سنڌ سڄوري تت.

## مختصر نظم

(اڻ چپيل)

حيدرآباد جي هوائن ۾
آهي سنڌين جي خون جي خوشبو
رات آهي شهيد جي بيوهه
جنهن جي ڪارو لباس پاتل آ.



## هن مهيني جي شخصيت

# امداد حسيني

**مائٽاڻو نالو:** سيد امداد علي شاھ

**ادبي نالو:** امداد حسيني / سانول

**ڄم:** ١٠ مارچ ١٩٤١ هنڌ: ٽکڙ

**تعليم:** ايم - اي

**ڇپيل ڪتاب:** امداد آھ رول - سنڌي اڪيڊمي پاران.
سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽالاگ - سنڌالاجي پاران.
زينت (ترجمو) - اڪيڊمي آف ليٽرز پاران.
دودو چنيسر (ترجمو) - لوڪ ورثو اسلام آباد پاران.
مٽي ماٿهو - جيئري پيڙا - ٽکڙ پبليڪيشن پاران.

**رسالا:** 'روح رهاڻ' ۾ ٻانهن ٻيلي.
'عبرت مئگزين' جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر (ڪجھ عرصو).
'ڪونج' بمبئي جو سنڌ - ساهت پرچو سهيڙيل.
'سهڻي' (اڳين) ۾ 'نون شاعرن جو پاڳو' ايڊٽ ڪيل.

**تجربو:** ڊڪشنري آفيس، حيدر آباد سنڌ (پارٽ ٽائيم).
لائبريرين - سنڌي ادبي بورڊ.
ريسرچ فيلو - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (فڪسڊ پي).
سبجيڪٽ فيلو - اسپيشلسٽ (سنڌي) - سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ
ڄام شورو، سنڌ.
ايڊيٽر ٽه ماهي 'مهراڻ' - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ.

**ادبي سنستائون:** سيڪريٽري بزم طالب المولىٰ حيدر آباد سنڌ.
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت حيدر آباد سنڌ.
ريڊيو: فيچر، گيت، گيت - ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ
ٽي - وي: گيت ۽ ناٽڪ.

Gul Hayat Institute

ريل جي پٽڙي ڪانہ اڏائيي؟"

"نہ سائين، ريل تي مون اڃان تائين سفر ئي ڪونهي ڪيو."

ٻنهنِ هڪ ٻئي جي ڪَنن ۾ ڪجھ ڳالهايو. مونکي ائين لڳو، جيئن ڪنهن ڪوئيز پروگرام ۾ ويٺو هجان. جيئن هرهڪ ٽيم جا ساٿي جواب ڏيڻ ڪان اڳ هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ سُس پُس ڪندا آهن. ٻنهي، آس پاس ويٺل، ڪامورن ۽ ماٺهن ڏانهن ڏٺو. هو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي مُرڪي رهيا هئا. مان، هڪ ڏوهيءَ وانگر سندن فيصلي جو انتظار ڪرڻ لڳس. اوچتو وزير موصوف سوال ڪيو. "ڪو انٽرويو ڏنو اٿئي؟"

"جيءُ، ڪيئي." وراڻيم، "پر سائين، جنهن لِسٽ جو انٽرويو ٿيندو آهي، اها لِسٽ نہ ڄاڻ ڪيڏانهن فرار ٿي وڃي ٿي. جن جا آرڊر ٿيندا آهن، سي انٽرويو واري ڏينهن يا تہ ننڊ ۾ هوندا آهن يا وري مري ۽ ايوبيا جي سير تي هوندا آهن."

منهنجي ڳالهين تي هڪ هلڪڙي مُرڪ چپن تي آڻي ڇڏيائين. سگريٽ جو آخري ڪش هڻندي اطمينان سان چيائين، "پُٽ، اڄڪلھ آرڊرن تي پابندي آهي. مان مڃان ٿو تہ چور دروازي ڪان ڪجھ آرڊر ٿيا آهن، پر اهي ڪارگر نہ آهن. حقيقت ۾ اها سڀ رنڊڪ انين ترميم جي ڪري آهي. پُٽ، جڏهن بہ انين ترميم ختم ٿيندي، اوهان جي نمائندن کي پاور ملي ويندا. اوهان کي گهر ويٺي آرڊر ملي ويندا."

وزير موصوف جي ٺهپه بيان تي مان حيران ٿي ويس. پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. ڪجھ بہ ڪين چئي سگهيس. اُتس تہ ائين لڳو ڄڻ تہ جسم گڏهجي ٿي نہ. ترڙندو تاٻڙندو دروازي ڪان ٻاهر نڪري ويس.

---

## سنڌ ۾ هيٺين هنڌن تان

# سهڻي

## ملي سگهي ٿي.

**غلام نبي مڪتهار**
نيوز پيپر ايجنٽ فريد آباد ضلعو دادو.

**واحد بخش**
برهماڻي نيوز پيپر ايجنٽ پيارو
ڳوٺ. محمد انور

**ميمڻ نيوز**
ايجنٽ ٺورو.

**هائوس آف ناولٽي**
ميرپور ماٿيلو.

**محبوب علي شيخ**
نيوز پيپر ايجنٽ جهڏو.

**خان محمد خان**
نيوز پيپر ايجنٽ عمر ڪوٽ.

**عاشق حسين چنا**
نيوز پيپر ايجنٽ محراب پور جنڪشن.

**وفا برهماڻي**
جوهي.

**سعيد ٻٽي**
پوسٽ آفيس حمزو ٻٽي.

**فياض نيوز ايجنسي**
ٽنڊو.

**شهيد فاضل راهو ڪتاب گهر**
گلشن حديد ڪراچي.

**ٻاون بڪ بينڪ**
ڏوڪري.

**دليپ ڪمار**
پي. ڪوناري مٺي.

**محمد سومار ڪيريو**
نيوز پيپر ايجنٽ ٻريا.

**سنڌ ڪتاب گهر**
ڪشمور ۽ گڊو.

**محبوب ميمڻ**
نيوز پيپر ايجنٽ هالاڻي.
محمد فهيم
نيوز ايجنٽ ڦلجي.

**ارباب ٿهيم**
سهڻي ڪتاب گهر
ميهڙ.
اسلام آباد ۾ سهڻي

**بڪ فيئر**
جناح سپر مارڪيٽ مان ملي سگهي ٿي.

**مارئي ڪتاب گهر**
سڪرنڊ

**سڪندر ملاح**
سنڌ ڪتاب گهر سڪرنڊ.

**محمد رفيق**
نيوز پيپر ايجنٽ ريلوي روڊ، پڊعيدن.

**شان بڪڊپو**
سانگهڙ.

**پنهل خان رند**
نيوز پيپر ايجنٽ شاھ پور چاڪر.

**عزيز ڪتاب گهر**
سکر.

**پاڪستان بڪڊپو**
ريلوي بڪ اسٽال لاڙڪاڻو.

**ريلوي بڪ اسٽال**
سکر.

**مستعجاب احمدقريشي**
شڪارپور.

**سنڌ ڪتاب گهر**
ٿل.

**ماءِ اون بڪ هائوس**
عمر ڪوٽ.

**حب علي جهانگر**
سيٺارجا نيوز پيپر ايجنٽ.

**نورالدين جهانگر**
نيوز پيپر ايجنٽ ڏورو نارو.

**حاجي دلاور ارباب**
نيوز پيپر ايجنٽ ڪپرو.

**گل حسن جانوري**
نيوز پيپر ايجنٽ راڌڻ.

**عبدالقادر ٻکهيو**
نيوز ايجنٽ خيرپورناٿن شاھ.

**رشيد بڪ ڊپو**
دادو.

Gul Hayat Institute

ڇهين قسط

# وساريا نہ وسرن

ممتاز مرزا

خبر تڏهن پئي جو قصو ٻنهي طرف چوٽ چڙهي ويو، شاديءَ جون ڳالهيون ٻہ هليون، پر ڪم نہ ٻڻيو، انهيءَ فراق ۾ ڊائريءَ ۾ ڪڙو صفحو لکي، منجهند ماني ٽڪي ڪائي، ڪٿان آندل آفيم جو روڙو ڪائي سمهي رهيو، ۽ وري نہ اٿيو. اهو ڏينهن رات منهنجي حياتيءَ جو عجب وقت هو. جوان انسان زندگي ۽ موت سان ڪيئن ٿو وڙهي، اهو مشاهدو مون پاڻ ڪيو، ۽ جوان مڙس جو ساهہ ڪيئن نڪرندو آهي هو ٻہ مون ڏٺو. آخري ساهہ ۾ هن جو سڄو وجود ڏڪي ويو، ۽ هڪ ئي جهٽڪي هن جي حياتيءَ جي لاٽ اجهامي ڇڏي — ان وقت مان هن جي پيراندي ٻيٺو هوس. مونکي سڌ نہ هئي تہ ڇا ٿي گذريو آهي. جڏهن ڊاڪٽر اطلاع ڏنو تہ قصو ختم تہ بابو ماٺ ۾ اچي ويو. ان وقت تجمل جي عمر ارڙهن سال هئي — اهو واقعو پاڪستان کان گهڻو پوءِجو آهي. اهو عاشق ڀاءُ تڏهن پرائمري اسڪول جو نہ عشق جو مسافر هو. اسان جڏهن باغ جي صفائي ۽ گڏ وغيره لاءِ وڏي اسڪول ايندا هئاسين تہ استاد خوشيچند ٻہ اسان سان ڪم ڪرائيندو هو. هيڊ ماستر صاحب جو نالو شايد لکي مل هو، ڪرڙو استاد هو، باغ جو گهڻو شوق هوندو هوس. اسان کي ڪم ڪندو ڏسي خوش ٿيندو هو. انهيءَ ڪم هلندي اسان ٻہ اک ٽيٽ ڪندا هئاسين، هرويرو بنا ڪنهن سبب جي وڏن ڪلاسن جي ڇوڪريون ڏسي پنهنجو پاڻ پيا لڄي ٿيندا هئاسين. عشق جو تڏهوڪو انداز لکل هو. هريرو ڪنهن کي پڌرو نہ ڪيو ويندو هو. نہ سيڻي نہ سيند، نہ اکين جا اشارا نہ ڪي راڳ روپ، بس ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري مثال، مڙئي معاملا ڍڪ ۾. جي ڳالهہ پڌري ٿئي تہ وڏن جا موچڙا تہ هوندا ئي هوندا هئا.

ڳالهہ دراصل اها آهي تہ انساني اٿي ويٺي ۾، معاشري جي روايتن جو اثر پوي ٿو. جنهن سماج جا اسين رهندڙ هئاسين، ان ۾ اهي ڳالهيون ضرور ٿينديون هيون، پر ڪنهن کي سُڌ نہ پوندي هئي. ڳالهہ جي ٻنهہ وڌي ويندي هئي تہ چار چڱا ماڻ ميڙ ۾ ٻنهي ڌرين کي ملائي، سنهن ساک سان، سڱ ڪرائي ڇڏيندا هئا. گهوٽيتا ٻئي مٿا ڪٽندا. ڏاج جو تہ رواج ئي نہ هو. چي، "ڀائو! لکن جهڙي نياڻي نپائي تاتي، وڏي ڪري، اسان جي حوالي ٿو ڪري. هاڻي ان کان وري ڇا ونبو." شايد ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ ماڻهو جڏهن سڱابنديون ڪندا هئا تہ اهو ٻہ خيال هوندو هئن تہ سندن گهرن ۾ ٻہ نياڻيون آهن. ان ڪري هڪ ٻئي جو احساس رکيو ويندو هو، اڃا انسانن ۾ مڙئي ماڻهپو هو، نہ ريتون بدليون هيون نہ انسان جا آدرش ٽٽا هئا.

ڳالهہ آدرشن جي هئي تہ اسان جي ٻالجتي جو پهريون آدرش استاد خوشيچند هو: جنهن اسان سڀني شاگردن کي محبت سان پڙهايو، هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ جو اکر سيکاريو. پاڻ شايد هندو عامل هو، هير آباد ۾ رهندو هو، وڏي مڇي مانيءَ وارو هو. پر ٻارن پڙهائڻ سان وِرونهن هئس. ڇو ت ڇاڪاڻ ۾ سندس يقين نہ هو، اسان سان اوچي ذات وارو هندو ٻہ پڙهندا هئا تہ مسڪين جٽيا ۽ ڪلال ٻہ، هڪ اڏيو هندو گهٽ ذات وارو هو، پر استاد خوشيچند ان رخ سان ڪڏهن ڪو فرق نہ رکيو، سڀني سان ساڳيو پيار ساڳي حب. جيڪڏهن مونکي ٻارائن درجن ۾ اهو استاد نہ ملي ها تہ ڪو آءُ هڪ اکر ٻہ نہ پڙهي سگهان ها — ڪنهن درزي جي دوڪان تي ويٺو ڪاڄ ٻٽڻ ٻڌان ها، يا ڪي سلوارون ويٺو سبان ها. ڇاڪاڻ تہ اسان ۾ جيڪو ٻار نہ پڙهندو هو، انهيءَ کي اٽنديئي درزڪي ڪم ۾ سوگهو ڪري ڇڏيندا هئا. اهو سلسلو اڄ ٻہ جاري آهي. استاد خوشيچند جي پريت ۽ ٻاٻوهہ ۾ اصل ڪڙجي وياسين ۽ دل چوندي هئي تہ سندس سامهون اٿجيئي نہ .... ويٺو سندس خيال ٻڌجن. اڄ ٻہ سندس ڪشش واري صورت اکين ۾ محفوظ آهي جو هن هستيءَ جي ڪري زندگيءَ جي شروعات ۾ ٻن چئن اکرن جي پڙهڻ جي پيڙهہ پئي: نہ تہ اسان وارا افعال اهڙا هئا جو ڪنهن جي چوائي هريرو "پوليس پوليس ڪندا وتندا هئاسين."

اسڪول ۾ سنگيت جو فرجو ٻہ ٿيندو هو. شروع ۾ اسان کي هڪڙو سنهڙو، ادلو گدلو استاد راڳ سيکارڻ ايندو هو، نالو شايد غلام علي هئس، پر سڀ استاد کيس "گامي، گامي" ڪري ڪوٺيندا هئا. باجو وڄائيندو هو، اهڙو هٿ هئس جو ائين لڳندو هو ڄڻ پاڻيءَ تي هٿ ڦيري سُرن کي سينگاري پيو ڪڍي. گامي، حيدرآباد جي ربابين مان هو، وڏي علم وارو هو، ڪنهن اسڪولن ۾ ٻارن پڙهائڻ جو ڪم وٺي ڏنو هوس. هفتي ۾ ٻہ ڀيرا اچي ٻہ ٽي سُر سيکاري ويندو هو. اسان ٽنڊي آغا وارن ڇوڪرن جو

Gul Hayat Institute

تمام گھڻو خيال رکندو هو، جو هو ڪو زمانو ٿيو جو سيٺ وشنداس جي ڪچهرين ۾ ايندو هو، ۽ اتي حاضري ڀريندو هو. سندس اِها تِڪ نه ٽٽي، گهڻو پوءِ جڏهن اسان وڏا به ٿي وياسين، هو پاڻ به ڪُهو ٿي ويو، هفتي ۾ هڪ ڀيرو سيٺ جي پونيرن وٽ ايندو هو، ۽ سيٺ جي تصوير جي آڏو ويهي، پنهنجي علم ۽ ست سان سرن جي شرڌانجلي پيش ڪندو هو، ان ۾ جي ڏٺين ڪجهه دان ڏنس ته به خوش، جي ايئن هٿين ٺلهو هليو آيو ته به راضي.

انسان جڏهن آدرشن ڪي دلين ۾ جايون ڏيندا آهن ته پوءِ نفعي نقصان جو سنڌو ختم ٿي ويندو آهي. گامي مرحوم ان ريت کي نڀايو پئي آيو، جنهن جي ڀهرين وک هن جي ابتدائي حياتيءَ ۾ سيٺ وشنداس پاڻ کنئي، ۽ ان وک پويان گامي مرحوم جيستائين هو تيستائين پنڌ ڪندو رهيو، ناتو رکڻ ۽ نڀائڻ جو اهو عجب مثال هو. جيڪو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو. استاد گامي مرحوم بنهه جهور ٿي ويو هو، ڪُب وڌي ويو هوس، نظر گهٽ ٿي وئي هئس، تڏهن مون کانئس پڇيو هو، "استاد! ڏيو خبر ان ۾ ڪهڙو ساءُ جو توهان پاڻ هلڻ کان حيران آهيو، تڏهن به ٽَٽي ايڏي ئي اٿو!" چيائين، "بابا! ڀيجل ٿي دان ورتاسين، سخي کان سر سو ڪونه طلبيو سين، جي گهرون ها ته دير نه ڪري ها، پر ايڏي هام اسان کان به نه هنئي ٿي... ڏاتار ڏياچ هو، اُهو ويو پر ڏاتار سيٺ وشنداس به هو... ڏياچ وانگر راڳ تي ريجهل هو، اسان جو ڇا پر هندوستان جي ذات گويي جو قدر ڪيائين، هڙون ڀري ويندا هئا چاندي جي رُپين جون. مڙس ويو ته وري منهن نه ڪيائون، مون مسڪين ۾ ته ايترو گهڻو گُن ڪونهي، نه اڳ هو نه هاڻي آهي، پر پرين جو پيار ۽ پاڙو وسري نٿو، انهيءَ ڪري دل جي سڪ لاءِ اهو پنڌ پوان ٿو. متان سيٺيون سمجهن ته ملڪ مٽيو ته اسان پير ڪٽڻ ئي ڇڏي ڏنا. ابا اسان کان ائين نه پڄندو، جيسين جيئنداسين تيسين دل جي حضور سان اچيو پيا حاضريون ڀريندا سين، جي نه رهياسين ته پوءِ ميار ناهي، رهي نانءُ سائين جو!" ائين چئي ڪنڌ هيٺ ڪري، اُستاد گامي منهنجي ٻي سوال ٻڌڻ کان سواءِ، ننڍڙيون پر تکيون وکون کڻي وشن نگر جو دروازو ٽپي، سيٺ جي پونيرن جي گهرن ڏي راهي ٿي ويو. اهو هو اسان جي اسڪول جو راڳ سيکاريندڙ استاد گامي ربابي، جنهن جي گن ۽ فن جي باري ۾ اڄ به ڪيترائي ڄاڻو چوندا ته، "سائين، راڳ جي ڄاڻ ۾ گامي ڪون سڏائي، وڏو گُني هو!"

گُنَ جي ڳالهه آهي ته پوءِ اسان جي پاڙي ۾ به ڪيئي گُني مڙس موجود هئا، گويا سي ڪونه هئا، پر پنهنجي رنگ ۾ رتل ۽ ان جا ماهر– گرمين جي مُندن ۾، جڏهن چنڊ جون ڀهريون راتيون گذري وينديون هيون، ۽ چنڊ جي چانڊاڻ ۾ هر شيءِ پڌري پئي ڏسبي هئي ته جمن شاه داتا شهيد جي پويان، بالي (بالو الائجي ڪير هو، پر رستي تي اهو نالو ڪو زمانن کان پيل هو) واري رستي جي ٻه - واٽي تي ونجهوٽي راند جا چِٽ نکري ويندا هئا. رات لڙيئي کان حيدرآباد جي جادوءَ جهڙي هوا، چنڊ جي ٿڌي ۽ چٽي چانڊاڻ، نه وڏا بلب نه ڪوڙي روشني، چانڊاڻ اهڙي جو سئي پڌر تي ڪيرايو ته ظاهر پئي ڏسبي. هڪ مستي وارو ماڻڊاڻ هوندو هو، ان ۾ راند شروع ٿيندي هئي. نِوائي رات، نه گاڏين جو گوڙ نه رڪشائن جو گهمسان، اهڙي ماحول ۾ جوان پهلوانن جون هڪ ٻئي سان هڪلون ڏاڍيون سرائيتون لڳنديون هيون. ڏارو ڏنو، ڀاريون ٻڌيون، بس پوءِ وانجهي ۽ گوهين وارين جي پئي پوندي ته "اجهو هتان ٿو وڃان،" "نه ويو آهين" "هلا ٿئي، هوش ڏار.... نه ويو آهين." چئني پاسي قبرستان، وچ ۾ اهو رستو ۽ راند اچڻ وڃڻ وارن لاءِ وڏو سهارو هوندو هو. اُن زماني ۾ هر پراڻو مقام "ڳرو" هوندو هو، ڪٿي "سِرَ- ڪٽيو" جن هو، ته ڪٿي "ڀيڊ جن" جو واسو هو، ڪنهن قبر ۾ قتل ٿيل مائي آرامي هئي، ته ان جو روح پيو رلندو هو - ان ڪري انهيءَ رستي کان ورلي لنگهندو هو، پر جڏهن راند لڳندي هئي ته ماڻهو ٻي ڊپا ايندا ويندا هئا، ٻي ڊپ ۽ ٻي خوف!

ننڍن ننڍن ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ ماڻهن لاءِ وندر جون اهي ئي ڳالهيون هيون. ان ۾ جسماني مشقت سان گڏ چُستي به ايندي هئي، ڦرتي به. اِنهيءَ رستي جي ڀرسان وڏيون وڏيون ڀڄريون پيون هونديون هيون. مختلف وزن واريون، مٺي، ٻه - مٺي ڀڄري هڪ لوڏي سان ڪٺي مٿي ڪندا هئا. اِن ڪم ۾ عثمان نالي هڪڙو همراه وڏو ڀڙ هو، ڀڄري کي ائين ڪٺندو ڄڻ ڪو ڪک ٿي کنيائين، ٽنڊي طيب، ٽئين نمبر تلاو ۽ ٽنڊي ميرمحمود مان ڪيئي زور وارا زبرا همراه اچي نڪرندا هئا، مڙسن جي همٿ ۽ طاقت جو نماءُ هوندو هو، اسان ننڍڙا انهن جي طاقت جون ڳالهيون ڪندا هئاسين، نه ان وقت اسان کي دنيا جي "ويٽ لفٽنگ" جي ڄاڻ نه زور آزماين جي سُڌ، پر سنڌين پنهنجي انهيءَ ريت کي نه ڇڏيو.

ريت کي ڇڏين به ڪيئن؟ نباهڻ ته هنن جي سُتيءَ ۾ پيل هو، انهيءَ ناتي نباهڻ واري رمز ئي هنن کي اکثر آزار ۾ وڌو، پر جا ڳالهه ڪنهن قوم جي اڍ



Gul Hayat Institute

آهي ۽ سندس وجود هڪ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ آتو آهي، جنهن سان هوءَ شادي ڪرڻ ٿي گهُري.

اصل ۾ اهو عڪس منهنجيءَ پنهنجي پيڻ روز جو هو. اِدي روز انٽرنيشنل شو ڪمپنيءَ جي هڪ سُهڻي جوان جي عشق ۾ چَري هئي. گهر ۾ جڏهين بہ فون جي گهنٽي وڄندي هُئي تہ ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ ڪان بچي ويندي هُئي، هٿ پير ٺري ويندا هُيس. ڪيس اهو خيال بيٺو هوندو هو تہ اِجهو ٿو يار جو آواز ڪنهن تي پوي ۽ اجهو ٿو يار سان گڏ وڃڻ جو پروگرام ٺهي. هُو ڪيس هر ٻيءَ رات پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. پر پوءِ هڪڙو وقت اهڙو بہ آيو، جو روز ڪي فون اچڻ بند ٿي ويئي ۽ سندس ذهني توازن بگڙجڻ شروع ٿي ويو. تہ اِهو منهنجيءَ پيڻ جوئي عڪس هو، جنهن ' Streetcar ' ناٽڪ کي جنم ڏنو.

آءٌ جڏهين لکڻ وهندو آهيان تہ هر ڪو ڏيک چٽو چٽو منهنجين اکين اڳيان ڦرندو آهي. ۽ جيڪي جملا لکندو آهيان، اُهي زور زور سان ڳالهائيندو بہ ويندو آهيان. هڪ پيري روم جي هڪڙي گهر ۾ ويٺي لکيم تہ منهنجي آواز تي گهر جي ماليڪاڻيءَ جا ڪن ڪڙا ٿيا ۽ سمجهيائين تہ شايد آءٌ چريو ٿي پيو آهي، جو پنهنجي مُنهن ويٺو ڳالهائيان. سو ويچاري پريشانيءَ وچان ڊوڙندي ويئي فرنيڪ مارلو وٽ ۽ ڪيس چوڻ لڳي، "مسٽر وليمس چريو ٿي پيو آهي ۽ پنهنجي مُنهن زور زور سان پيو ڳالهائي." فرينڪ مارلو ڪيس جواب ڏنو، "هُو چريو نہ ٿيو آهي، پر لکي رهيو آهي." - پر اها ڳالهہ مائيءَ کي سمجهہ ۾ ئي نہ آئي.

آءٌ جڏهين بہ ڪو ناٽڪ لکندو آهيان تہ ڪيترائي پيرا اورجائي ورجائي لکندو آهيان. تمام گهڻا پيرا لکڻ کانپوءِ، جڏهين پڪ ٿيندي اٿم تہ هاڻي اِهو ناٽڪ سورهن جاويهہ آنا پراڊڪشن لاءِ تيار آهي، تڏهين وڃي بس ڪندو آهيان. ايترا گهڻا پيرا لکڻ کانپوءِ آءٌ تہ مطمئن ٿي ويندو آهيان، پر نيويارڪ جا نقاد پوءِ بہ منهنجي ڪم کان مطمئن نہ ٿيندا آهن. سندن نظر ۾ آءٌ خطرناڪ قسم جو چڙواڳ ڊرامانگار آهيان.

آءٌ جڏهين لکڻ وهندو آهيان تہ پر پٺ جي ناظرين کي مخاطب ٿي نہ لکندو آهيان، بلڪہ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي لکندو آهيان. هيترو سارو عرصو لکڻ کانپوءِ منهنجي اندر ۾ پنهنجا ڪَن پيدا ٿي پيا آهن، جيڪي منهنجيون ڳالهيون ٻڌندا آهن. لکڻ وقت مون کي اها پڪ هوندي آهي تہ منهنجو ناٽڪ اسٽيج تي اچڻ کانپوءِ ڪيترن ماڻهن تي ڪيئن وجي اثر ڇڏيندو.

ناٽڪ ۾ ڪم ڪندڙ ڪو اداڪار يا اداڪره ذهين آهي ۽ اُها جيڪڏهين ڪي جملا تبديل ڪرڻ جي صلاح ٿي ڏئي، تہ پوءِ اها صلاح ليکڪ لاءِ تمام گهڻي ڪارائتي ثابت ٿيندي آهي. اداڪاره گير لڊائين پيج نہ رڳو اداڪاري ڪرڻ ۾ جينيئس آهي، پر ليکڪ جي جملن جي تهہ تائين بہ پهچيو وڃي. ڪيس جڏهين بہ ڪو جملو ٽڪندو آهي، تہ ٺڪ سان چئي ڇڏيندي آهي تہ فلاڻو يا فلاڻو جملو زبان تي سولو نٿو چڙهي ۽ هِن جملي کي هيئن بدلائڻو پوندو. پاڻ جيتوڻيڪ ليکڪا ناهي، پر اسڪرپٽ جي باري ۾ جيڪي صلاحون ڏيندي آهي، بدلائي ڇڏيندو آهيان. ٻيا جيڪي ذهين اداڪار آهن، انهن سان بہ منهنجو اهڙو سُلوڪ هوندو آهي.

ڊرامانگار اوينل ڪي شراب هڻي اُڏڻي ڇڏيو. لکڻ جو ڪم اهڙو آهي جيڪو وڏي ذهني ڇڪتاڻ ۾ وجهيو ڇڏي. انهيءَ ذهني ڇڪتاڻ کان بچڻ لاءِ ڪيترائي آمريڪي ليکڪ شراب جي نشي ۾ گرفتار آهن. هڪڙيءَ عمر تائين تہ ماڻهو ذهني ڇڪتاڻ جي دٻ جهليو وڃي، پر پوءِ جيئن عمر وڌي ٿي تہ ماڻهوءَ کي شراب جو سهارو ٿو وٺڻو پوي. اڄ ڪلهہ مون شراب پيئڻ گهٽائي ڇڏيو آهي، ڇا ڪريان شراب جيري جا هڻي ڪم لاهي ڇڏيا آهن.

ڪي ويسٽ ۾ رهڻ کانپوءِ مون اِهو دستور بڻائي ڇڏيو آهي تہ سِج اُڀرڻ کان اڳ ننڊ مان اُٿڻو آهي. ننڊ مان اُٿي سڌو بورچيخاني ۾ ڪافي ٺاهيندو آهيان ۽ ڪافي ٺاهيندي ٺاهيندي اهو بہ سوچيندو رهندو آهيان تہ اڄ مون کي ڇا ڪرڻو آهي. اهو وقت اهڙو هوندو آهي، جو دل چاهيندي آهي تہ گهر ۾ ڪير بہ نہ هُجي. روز مون کي بہ ٽي ڪم ڪرڻا هوندا آهن، انهيءَ ڪري فيصلو ڪندو آهيان تہ ڪهڙو ڪم هٿ ۾ کڻجي.

انهيءَ کانپوءِ پنهنجي اسٽوڊيو ۾ وڃي وهندو آهيان، جتي وائين (هلڪو شراب) موجود هوندو ئي هوندو آهي. اسٽوڊيو ۾ وڃڻ کانپوءِ اڳيئن ڏينهن لکيل ڪم تي وڏي خبرداريءَ سان نظر ثاني ڪندو آهيان. ڳالهہ هيءَ آهي تہ هر شيءِ ڪپائڻ ۾ آءٌ شاه خرچ آهيان. سو لکڻ وقت بہ وائين جو گلاس مٿان گلاس پيئندو ويندو آهيان. اِنهيءَ ڪري منهنجي لکڻيءَ ۾ نشي جي ڪري ڪميون بيشيون رهجي وينديون آهن، جيڪي مون کي ٻئي ڏينهن درست ڪرڻيون پونديون آهن ۽ اهي درستيون ڪرڻ لاءِ نيري گوري واري پينسل هٿ ۾ کڻڻي پوندي اٿم. ڪجهہ وقت لاءِ اِهو درستين جو ڪم ڪندو آهيان ۽ پوءِ اڳتي لکڻ شروع ڪندو آهيان.

جذباتي سطح تي منهنجيون لکڻيون آتم ڪٿائي هونديون آهن. ائين ناهي تہ ڪو آءٌ پنهنجيءَ زندگيءَ جو واقعا ائين جو ائين لکي ڇڏيندو آهيان، جيئن درپيش ايندا آهن. پر جيڪي ڪجهہ لکندو آهيان، انهيءَ جو واسطو منهنجي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ جذباتي ڪيفيتن سان هوندو آهي. آءٌ روزانا لکندو آهيان، ڇو تہ لکڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واه ئي نہ هوندي آهي. جڏهين اوهانجو يارُ رُسي وڃي يا ڪو پيارو دوست مري وڃي، يا اوهانجيءَ زندگي ۾ ڪا ڳڙ ٻڙ ٿي وڃي، تہ اهو اهڙو وقت هوندو آهي، جڏهين ڏک اچي ورائيندا آهن. اهڙي وقت تي ڏکن کان قرار حاصل ڪرڻ لاءِ لکڻ ڪانسواءِ ٻيو رستو ئي نہ ملندو آهي. بهرحال مايوسي جڏهين صفا اهڙيءَ منزل تي اچي پهچندي آهي، جڏهين علاج جي ضرورت هوندي آهي، تہ پوءِ اهڙي وقت تہ لکڻ بہ ڇڏائجيو وڃي. فرنيڪ مارلو جي مرڻ کانپوءِ آءٌ صاف لکڻ کان رهجي ويس ۽ ايستائين لکي نہ سگهيس، جيستائين دوائون وٺي ڏک ۽ مايوسيءَ مان جند نہ ڇڏايم. ٺيڪ ٿيڻ کانپوءِ تہ صفا خفتين وانگر لکڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويس. سهڻا سائين لکڻ ڪانسواءِ ڪو رهي سگهجي ٿو! آءٌ تہ رهي نٿو سگهان.

لکڻ جو ڪم مون لاءِ ايڏو تہ اهم آهي، جو

Gul Hayat Institute

کو جيکڏھين وچ ۾ اچي منھنجو وقت مٺائي تہ آءٌ چِتو تي پوندو آهيان. لکندي لکندي ماڻھو جذباتي عروج تي هوندو آهي، اهڙي موقعي تي ڪم ۾ رڪاوٽ پئي تہ پوءِ تہ ست ئي ساريون اونڌيون هوندن.

نيو ڊائريڪشن ۾ رابرٽ ميڪ گريگور نالي هڪڙو نوجوان منھنجو گھاٽو يار هو، هاڻي گذاري ويو آهي. هُو ڊاڪٽر ميڪس جيڪبسن جو مريض هو. هو فقط ڊاڪٽر صاحب جون ڏنل ننڍڙيون گوريون کائيندو هو. انھيءَ زماني ۾ آءٌ سخت مايوسيءَ ۽ اُداسيءَ جو شڪار هوس، سو منھنجو اهو يار مون کي ڊاڪٽر صاحب وٽ وٺي ويو. ڊاڪٽر صاحب جيڪا مون کي دوا ڏني، اها آءٌ پوراٽي سال پيئندو رهيس. انھن ٽن سالن ۾ رواجي اثر هيٺ مون پنھنجيون بھترين لکيون لکيون. پر ٽن سالن کانپوءِ آءٌ صفا ڍھي پيس.

منھنجي ڍھڻ جو سبب اهو هو جو آءٌ اِها دوا کائڻ سان گڏ ڏڏا ڏڙ شراب بہ پيئندو هوس، جيڪو مون کي پيئڻ نہ کپندو هو. مون کي دل جي بيماري هُئي ۽ ڊاڪٽر صاحب، ڪڏهين منھنجي دل جي تپاس ڪُئي ۽ نہ وري بلڊ پريشر چيڪ ڪيائين. رڳو پري کان ڏسي دوا ڏيئي ڇڏيندو هو. اڳيان شيشيون رکيون هونديون هئس، ڦڙو هِن مان ڦڙو هُن مان ڪڍي گڏي دوا ٺاهي ڏيئي ڇڏيندو هو. خير پھرين تہ اِنھيءَ دوا فائدو ڏنو پر پوءِ اهڙو ڪم ڪيائين جو جيئن ئي وٺانس تي ٽُڪسيءَ ۾ چڙهيس تہ صفا مرڻ جھڙو ٿي ويس. مس مس بچيو آهيان.

آءٌ سمجھان ٿو تہ مون جيڪا مجرد (غير شادي شده) زندگي گذاري، اِنھيءَ ئي مون کي سٺو لڪ بڻايو. خبر اٿوَ نارمن ميلر سان ڇا ٿيو! زال پويان زال بدلائيندو ويو، وڏي ويل ۾ اچي ويو. آءٌ تہ بچي ويس، ڪير پيو زال جي ڪُرا اگھ ۾ پوي. پاڻ تہ ڪنھن يار يا يارڙي کي ڏوڪڙ ڏيئي ضرورت پوري ڪري وٺندا آهيون. زالِ کي ڪير پيو منھن ڏي، مارڻ کان تہ رهي. اها اڪيلائي ئي هئي، جنھن جي ڪري آءٌ ايترو لکي سگھيس.

منھنجن ناٽڪن جي ڪاميابيءَ جي شروعات 1944ع ۾ شڪاگو ۾ ٿي. اتي مون جيڪي ڏينھن گذاريا، اُهي مون لاءِ وڏ ۾ وڏ خوشيءَ جا ڏينھن هُئا. اُتي منھنجو ناٽڪ ' The glass Menagerie' ساڍا ٽي مهينا هليو. اُتي منھنجي يونيورسٽي جي ڪافي شاگردن سان ياري ٿي ويئي.

شڪاگو ۾ منھنجي ناٽڪ کي جيڪو مانُ مليو، انھيءَ ۾ اُتان جي ٻن نقارن مس ڪلاڊيا ڪيسيڊي ۽ اسٽيونس جو بہ هٿ هو. ٻئي وڏا پارکو هئا. پھرين رات خلق ڏاڍي آئي، پر جيڪو خلق رسپانس ڏنو، اهو ڏاڍو منجھائيندڙ هو. ايترو منجھائيندڙ هو جيڪڏهن اهي ٻئي ڄڻا همٿا ئين نہ هاتہ اسان ٽپڙ ويڙهي، رواناٿي وڃون ها. ڪلاڊيا ڪيسيڊي هاڻي تہ صفا جھور پوڙهي ٿي ويئي آهي، پر سندس ذهن سيٽيءَ وانگر تيز آهي.

اِهو ساڳيو ناٽڪ نيويارڪ ۾ 1945ع ۾ اسٽيج ڪيو سين. ناٽڪ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ساڍن ٽن مهينن لاءِ سيٽن جي بُڪنگ ٿي ويئي. جيڪي ماڻھو ڪمن ڪارين سانگي نيويارڪ ايندا هُئا، اُنھن مان ڪيترائي ماڻھو رڳو اهو ناٽڪ ڏسڻ لاءِ ٽڪي پوندا هُئا. ماڻھن کي اهو اطلاع مليل هو تہ بلڪل نئين قسم جو ناٽڪ هلي رهيو آهي. انھيءَ ناٽڪ ۾ سُٺي ۾ سُٺي اداڪري لاريٽ ڪئي اصل تنگ توري ڇڏيائين. ٻيا اداڪار مڙيئي ائين هُئا.

ايڏي تکڙي ڪاميابي! منھنجا تہ ماشائي ڦيرائي ڇڏيائين. مون کي اها ڪاميابي ڏاڍي ڏکي لڳي. جنھن رات ناٽڪ شروع ٿيو، انھيءَ جي ٻئي ڏينھن جيڪي منھنجا فوٽا نڪتا، اُهي ڪٿي ڏسندئو تہ آءٌ اوهان کي پريشان پريشان ڏسڻ ۾ ايندس.

منھنجي هڪڙيءَ اک جي اڳ ۾ ئي آپريشن ٿيل هُئي ۽ ٻيءَ اک جي انھن ئي ڏينھن ۾ آپريشن ڪرائڻي پيم. ڪافي ڏينھن اسپتال ۾ پيو هوس، چرڻ پرڻ جي منع ٿيل هئم. دوست يار اسپتال ۾ لنگھي ايندا هُئا ۽ مون کي تبصرا پڙهي ٻُڌائيندا هُئا.

'The Glass Menagerie' جي ڪاميابيءَ کان اڳ آءٌ صفا وڃي پَٽ پيو هوس، ايترو پئسو ڪونہ هُئم جو ماني ٽڪر وٺي کائي سگھان، بکن وگھي مري وڃان ها. مون کي اهڙا ڏنڏا ڪرڻا پوندا هُئا، جن مان مونکي مانيءَ جا ٻہ ويلا نصيب ٿيندا هُئا. پيشگيري ڪرڻ، لفٽ هلائڻ ۽ آپريٽري اهڙا ڏنڏا هُئا، جيڪي ڪرڻ تي دل ئي نہ ٿيندي هُئي. انھن مان ايترو اُپراسو بہ ڪونہ ٿيندو جو ماڻھو زندگيءَ جو گاڏو گھلي سگھي. ڏاڍا ڏکيا ڏينھن ڪاٽيم. چوٽيھن سالن جو ٿيس، تڏهين وڃي اِها ڪاميابي نصيب ٿي.

مون ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ لکڻ شروع ڪيو. اُنھيءَ کانپوءِ آءٌ اٽڪل روزانو لکندو رهيس. بعد ۾ جڏهين جوتن جي دُڪان ۾ ڪم شروع ڪيم ۽ اُتي ٽي سال رهيس، اِهي ٽيئي سال بہ روز لکندو رهيس. هڪڙو سڄي ڏينھن جو ڏنڌو، ٻيو راتين جون راتيون ويھي لکڻ، ٽيو رڳو ڪافيءَ تي گذارو، تن هٽي منھنجي جسماني ۽ ذهني صحت تباهہ ڪري ڇڏي هُئي. ايڏي تباهہ ٿيل صحت کان پوءِ، جيڪڏهن منھنجو اهو ناٽڪ ڪامياب نہ ٿئي ها تہ هڪڙو سال بہ زنده رهي نہ سگھان ها.

شروع ۾ تہ ائين هو تہ جڏهين منھنجي ڪنھن ناٽڪ جو پھريون شو ٿيندو هو تہ آءٌ تمام گھڻو شراب پيئندو هوس. ٿرماس ۾ شراب ڀري وڃي شو ۾ وهندو هوس. شراب پئي ايترو تہ آئوٽ ٿي ويندو هوس، جو سيٽ تان اُٿي اٽينشن ۾ بيھي رهندو هوس، ايستائين جيستائين وڃي پردو ڪري. جي شراب کٽي ويندو هو تہ پرَ جَي ڪنھن بار ۾ وڃي وهندو هوس ۽ جڏهن پردو ڪرندو هو تڏهين واپس ٿيئيٽر ۾ پھچندو هوس.

خير هاڻي ائين ڪونہ ڪريان. جڏهن بہ پھريون شو شروع ٿيندو آهي تہ بنا نشي پتي جي ڏاڍي آرام سان ويھي ڏسندو آهيان. جيڪڏهن اداڪاري پِلي هوندي آهي، جيڪا اڪثر هوندي آهي، تہ توڙ تائين ويٺو هوندو آهيان. ٻاهر ڪار تيار هوندي آهي، پھريون شو ڏسي سِڌو وڃي ڪار ۾ وهندو آهيان ۽ گھر هليو ويندو آهيان.

هاڻي آءٌ مُڙي جڏهين پنھنجي گذريل زندگيءَ ڏانھن ڏسندو آهيان، تہ شڪ ٿيندو



Gul Hayat Institute

اتم تہ اِهو واقعي آءٌ هوس، جنهن اِها زندگي گذاري؟ واقعي اهو آءٌ هوس جنهن اهڙا ڪم ڪيا؟ منهنجي زندگي ڏار ڏار حصن ۾ گذري آهي، جن جو پاڻ ۾ ڪو بہ تعلق ناهي. منهنجي زندگيءَ جا جيڪي بہ دور گذريا، اُهي منهنجين لڪئين جي پردي جي پويان گذريا. هاڻي جڏهين انهيءَ پردي جي پويان پاڻ کي ٿو ڏسان تہ بلڪل مختلف ٿو نظر اچان.

منهنجي زندگيءَ جو پهريون دور يا رهن سالن جي ڄمار ۾ شروع ٿيو ۽ اِهو دور ايستائين هليو، جيستائين يونيورسٽي ڇڏي وڃي جوتن جي دُڪان ۾ ڪم ڪيم. انهيءَ عرصي دوران آءٌ هيزل نالي هڪ ڇوڪريءَ جي عشق ۾ چريو هئس، پر ڇوڪريءَ مون سان سرد مهري اختيار ڪئي. انهيءَ وقت آءٌ ڏاڍو شرميلو هوندو هوس. ايتريقدر جو ماڻهن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي نہ سگهندو هوس. جي ڳالهائيندو بہ هوس تہ منهنجا ڪن ڳاڙها ٿي ويندا هئا. هاءِ اسڪول ۾ آءٌ سوالن جا زباني جواب ڏيئي نہ سگهندو هوس ۽ لڪت ۾ ڏيندو هوس. مون کي پنهنجو آواز سُنوڻ لڳندو هو، ڳالهائيندي ائين لڳندو هوم ڄڻ هڏڪيون پيون اچن. منهنجي شرميليءَ طبيعت جو هڪڙو تہ ڪارڻ اِهو هو تہ مون زندگيءَ جا شروعاتي ڏينهن گهر ۾ بند ٿي گذاريا. ٻيو اهو تہ امان مون کي جنسي زندگي گذرڻ کان پرهيز ڪرڻ ۽ پاڪ پوتر رهڻ جا سبق ڏنا ۽ ٽيو تہ آءٌ بابي کان ڏاڍو ڊڄندو هوس. بابو ڏاڍو ڏکيو ماڻهو هوندو هو، سڄي گهر کي دٻائي رکندو هو. خير هڪڙو اهو دور هو. منهنجو ٻيو دور خوشين ۾ گذريو. اهو وقت تڏهين آيو، جڏهين آءٌ بند دنيا ڇڏي ٻاهر جي فضا واري خوش دُنيا ۾ داخل ٿيس. اها دنيا مون لاءِ نئين دُنيا هُئي ۽ ايڊوينچر سان ڀريل زندگي هُئي. مون کي پهرين تہ اها سمڪ ئي نہ پيئي تہ ڪو آءٌ هڪڙيءَ دنيا مان نڪري ٻيءَ دنيا ۾ آيو آهيان. بهرحال اهي ڏينهن ڏاڍا سکيا گذاريم. خوشين جا اِهي ڏينهن تڏهين ختم ٿيا، جڏهين منهنجي ناٽڪ 'The Glas Menagerie' کي ڪاميابي نصيب ٿي. اِنهيءَ ڪاميابيءَ مون لاءِ نوان مسئلا ڪڙا ڪري ڇڏيا.

ناٽڪ جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ منهنجيءَ زندگيءَ جو ٽيو دور شروع ٿي، جيڪو زندگيءَ جي ڇهين ڏهاڪي جي آخر تائين هليو. اهو سڄو عرصو لاڳيتو لکڻ ۾ گذاريم. پر ڇهين ڏهاڪي جي آخر تائين پهچندي پهچندي آءٌ وڏي عذاب ۾ اچي ويس. ڊاڪٽر ميڪس جيڪبسن مون کي لکڻ لاءِ اُڀارڻ جون جڏهين دوائون ڏنيون تہ شراب پيئڻ کان مون کي منع ڪئي هُئائين. پر مون کان رهيو نہ ٿيو. آءٌ شراب پيئندو رهيس. نتيجي ۾ دوائن ۽ شراب گڏجي منهنجي صحت ۽ حافظي جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو ۽ آءٌ صفا ڊهي پيس. ايتريقدر جو نيويارڪ ۾ جن پروڊيوسرن سان ڏينهن رات گڏ هوندو هوس، انهن کي ئي نہ پيو سڃاڻي سگهان. ائين ميڇيم سان گڏ جي ٽوڪيو ويس تہ اُتي هوٽل ۾ چاڙهيون چڙهي نہ پيو سگهان، ٻين ماڻهن سهارا ڏيئي مون کي مٿي چاڙهيو. اُتان موٽي ڪِي ويسٽ ۾ پنهنجي گهر آيس تہ اهڙي حالت ٿي جو چوڻ کان پري آهي. مون کي بورچيخاني ۾ ڪا شيءِ وڃي ترٽي هُئي، سو فرائي پاڻ ڪٽي بورچيخاني ۾ ويس. اسٽوو بجليءَ وارو هو. سو بورچيخاني ۾ گهڙي فراءِ پان اسٽوو تي رکڻ جي بدران آءٌ پاڻ اسٽوو تي ويهي رهيس ۽ منهنجو هيٺيون حصو سڙي پيو ۽ اهڙو سڙيو جو اُتي موجود ڊئڪن کي پڪ ٿي ويئي تہ آءٌ مرڻ وارو آهيان. انهيءَ ڪري هن دعائون پڙهي مون کي ڪئٿولڪ بنايو تہ جيئن آڳوتر ۾ دوزخ جي باهہ کان بچان. تنهن ڪانپوءِ اسپتال ۾ پهچايائين. اسپتال ۾ پهچڻ سان ڊاڪٽرن تہ پهرين منهنجون دوائون ضبط ڪيون. منهنجي اڳيان تہ صفا ڪاري رات هُئي. جڏهين آءٌ هوش ۾ آيس تہ ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ منهنجي دماغ ۽ دل تي ٽي اٽيڪ ٿي چُڪا آهن. آءٌ انهيءَ ڏک کان ڪيئن بچي نڪتس، اها من کي بہ خبر ناهي. اسپتال ۾ آءٌ ساڍا ٽي مهينا زير علاج رهيس. هڪڙو مهينو تہ مون کي هنن خطرناڪ چرين جي وارڊ ۾ رکيو، جيتوڻيڪ آءٌ اهڙو چريو نہ هوس، جو ماڻهن سان وڙهندو وتان. اهو مهينو منهنجو ڏاڍو ڏکيو گذريو. ڪنڊ ۾ ويهي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ۽ اُتي موجود مريض چريا ٽيليويزن ڏسڻ تان پاڻ ۾ پيا وڙهندا هُئا. هڪڙو خبرون لڳائيندو هو، تہ ٻيو ريهہ ڪري ٽپ ڏيئي اُٿندو هو ۽ ٻٽڻ دٻائي ڪارٽونن جو پروگرام لڳائي ڇڏيندو هو. ڏاڍا جهيڙا ٿيندا هئا.

هر ڪو ماڻهو موت کان ڊڄندو آهي، پر آءٌ ايترو نٿو ڊڄان، جيترو ٻيا ماڻهو ڊڄن ٿا. مون پنهنجو پاڻ کي موت لاءِ تيار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پر جيستائين منهنجو ڪم پورو نٿو ٿئي، تيستائين آءٌ مرڻ نٿو چاهيان. گذريل ڏهن سالن ۾ ڪيترائي ڀيرا مرندي مرندي بچيو آهيان، پر منهنجي ندر جي سگهہ مون کي مرڻ کان بچائيو بيٺي آهي، ڇو تہ مون اڃا لکڻ جو ڪم مڪمل نہ ڪيو آهي.

سنڌ ۾

ايم-اشرف ٻکهيو
نيوز ايجنٽ سيتا روڊ.
منوج بڪ اسٽور
گهوٽڪي.

سهڻي
ملي سگهي ٿي.

رميش لال نارنگ.
اشوڪ ميڊيڪل اسٽور،
جيڪب آباد.

منظور ظفر

## وائي

چيلهه تي چُوتا ڪري لوڏون ڏئي،
گُجري هلو، هو هو يلو.
مُندَ سان ڦولارجي، خوشبو ڪري سينگارجي،
ڪِل ڪِل ڪِلو.
هو هو يلو گجري هلو.
ننڊ ۾ سينگارجي ها چنڊ جي جوين جيان،
دِل دا دلو،
هو هو يلو گجُري هلو.
مُرڪي پئي مڪڙي تڙي موتي اڇن ڪُنجان مڙي،
او بادِلو،
برسي پئو،
هو هو يلو گجُري هلو.

○

ايوب ڳاد

## وائي

واڻن تي وَرنايان ويٺو، وِڇوڙي جي وائي،
ڪِيسُ ڪري وٺي ڪائي.
تَنَ جون هُن لئي تارون تڙپن، نيڻن ننڊ نه آئي،
ڪِيس ڪري وٺي جائي.

پَلَ هڪڙي ۾، پَهرَ لنگهي ويا، دلڙي گُهورن گهائي،
ڪِيس ڪري وٺي ڪائي.
يوڳن يوڳن ۾ هوءَ پوري، جاڙ ڪري وٺي ڪائي،
ڪِيس ڪري وٺي ڪائي.
هيڏي ڌرتي آئون اڪيلو، ڪوئي حال نه پائي،
ڪِيس ڪري وٺي ڪئي.
ايوبَ اندر ۾، آس ملڻ جي، صديون اڳ سَمائي،
ڪِيس ڪري وٺي ڪئي.

○

ادل سومرو

## غزل

ٻارڙا سڀ پاڻ ۾ خوش ٿي کڏن،
هر گهٽيءَ جون رونقون قائم هجن.

ڪين سي ناتا سچائي تيون سگهن
جن اکين تي عڪس نوٽن جا ٺهن.

زندگي پياري ڪيائون ديس کان
هاڻي ويٺا سنڌ لئه روئن سِڪن.

ديس ڌاران ڪا سچائپ ناهِ دوستا!
پل هجين بمبئيءَ ۾ تون مالڪ لکن.

گهر اباڻو ماءُ پيءُ ٻيڙا اڪيلا!
پٽ سڀ پنهنجن گهرن ۾ تا رهن.

ڪي سهن ڦٽڪا وطن جي ويڙهه ۾،
ڪي وري سرڪار کان تمغا وٺن.

سونهن جي ساڃهه اکين مان وٺي هلي،
سڀ تا پاڇن پٺيان سهڪن ڊڪن.

هر جي سهڻي قلم سان سڪ جا،
ڌرتي! توتي گيت تا هاري لکن.

○

صلاح الدين عباسي

## چؤسٽو

شڪارين جي ڄار ۾ ڦاٿل او شينهڙا
در ۾ ڪپائي وِيٺو هج نينهڙا،
ڪڏهن ته چٽندا بادل ستم جا،
وسندا ڪڏهن هت به مينهڙا.

○

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙن جا خط

◉ سر ڪلاچ جي پهرين قسط پڙهي 'نورنامي' جا ورق ياد اچي ويا، جيڪي امان سائڻ ورهاڱي کان اڳ پڙهندي هئي. بيتن جي نہ ترتيب نہ رٿا. چڻ ڪلراٺي زمين ۾ هر جون اوڙيون. مهرباني ڪري ڪمپيوٽر وارن کي سمجهايو تہ سٽون هڪ ڪريو ۽ هر بيت جي وچ ۾ ڪا نشاني يا وٿي ڇڏين. ائين نہ ٿئي، جو ست سؤ سالن تائين ڦهليل روائتي ڇپائيءَ واري ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر جهڙيءَ سهڻي من موهڻي ٽيڪنالاجيءَ تي ڇٽرون ڪري. شيخ اياز جي چوائيءَ تہ ڪنهن شاعر کي Kill ڪرڻ لاءِ سر ڪلاچ جي ترتيب ڪافي آهي.

تاجل بيوس. ڪراچي.

◉ سهڻيءَ جون مبارڪون هجن. ڪنهن دوست هڪ پراڻو پرچو موڪليو اٿم. هر لحاظ کان ڏاڍو وڻيو ۽ ٻيا پرچا پڙهڻ لاءِ پڻ دل چوي ٿي، پر نيپال جو خرچ ايترو وڏي ويو آهي جو پوسٽ ذريعي گهرائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. انشا الله ٻئي سال اچي پڙهندس. ويجهڙائيءَ ۾ ٿائيلينڊ جي مختلف شهرن ۾ آفيس طرفان نيوي جا سيمينار Attend ڪرڻ لاءِ مهنو ڏيڍ ڪن هوس ۽ هاڻ مختلف پهلوئن تي ٿائلنڊ بابت لکي رهيو آهيان ۽ ان ڪتاب جو نالو 'جرني ٽُ ٿائيلينڊ' سوچيو اٿم. ان مواد مان ٻہ باب (ڇهون ۽ اٺون) سهڻي لاءِ اڄ Book Post ڪيو اٿم. ان ۾ ڪجھ فوٽو پڻ آهن، جن جون هتان فلمون ٺهرائي هفتي ٻن اندر مڪليان ٿو. بهرحال مضمون صحيح سمجهو تہ سهڻي ۾ ڏيئي سگهو ٿا. سهڻي هڪ معياري رسالو آهي، ۽ منهنجو ڪو ان ۾ مضمون ڇپجي، اها مون لاءِ عزت ۽ فخر جي ڳالھ آهي.

الطاف شيخ. مليشيا.

◉ سچ پچ ڪارٽون سچائيءَ جا ترجمان هوندا آهن، پر گذريل ٻن ٽن مهينن کان ويل آهن. رڳو ليڪون آهن ۽ ٻيو ڪجھ نہ. ان طرف خاص ڌيان ڏيو. هڪ صلاح اٿوَ تہ، هر مهيني جي 'چونڊ شخصيت' يا 'آرسي' ۾ نظر ايندڙ ليکڪ/ليکڪا کان نئون ۽ تازو مواد ٻہ وٺو، بهتر ٿيندو. صلاح سٺي اٿو. اهڙيءَ طرح سان 'جيڪي منجھ جهان' ۾ ڏيهي پرڏيهي سماچار ۾ سڀ کان اهم سنڌ آهي. جنهن ۾ حقيقت پريا تجزيہ، نوٽ ۽ تحريرون هر باشعور سنڌيءَ جا تارا کولي ڇڏيا آهن. جيڪي ڳالهيون اوهان 'پنهنجي طرفان' ۾ چوڻ کان ڪيهايو ٿا، اُهي سنڌ ۾ چئي سنڌيت جو ثبوت ٿا ڏيو. جي اين مغل 'ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾' هر پڙهندڙ کي گڏ ڪنيو پيو وتي. سندس لکڻ جو انداز ڏاڍو وڻي ٿو. سفر جو سفر ڪٿا جي ڪٿا ۽ تاريخ جي تاريخ.

ممتاز عباسي لاڙڪاڻو.

◉ ماهوار سهڻي جو آڪٽوبر جو شمارو سنڌ جي سڃاڻ، موهن جي دڙي جي مارئي جيان حسين ۽ شاھ جيان عظيم ثقافت جي خوبصورت ۽ دلڪش تصوير سميت هٿن ۾ پهتو. ◉ جيئن اميد هئي تہ اوهان هن ڀيري پنهنجي طرفان ۾ سڪرواري واقعي تي قلم کي سيڙايو هوندو، سو پهرين ان صفحي کي ئي پڙهيم. پنهنجي پاران ۾ اوهان جنهن طرح بي باڪيءَ سان ۽ هڪ سورهيہ جهڙي بهادريءَ سان، هڪ مشڪل موضوع کي الفاظن جي صورت عطا ڪئي ان تي اوهانکي جس هجي. ان جو هڪ هڪ اکر سچي ديش پريمين جي دلڙين ۽ سندن خيالات جو امين هو. قائم علي شاھ جي ٻہ اڪيائي ۽ پير مظهرالحق جي نسوري غلط الزام جا ٻہ اوهان ٺاهوڪا جواب ڏئي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. شاگرداڳواڻ علي حيدر شاد جو انٽرويو سٺو هو. پاڻ جواب چڱا ۽ پنهنجي عقل موجب ڏنا اٿن. هڪ هنڌ ڪاڻن سوال ڪيو ويو تہ حيدرآباد جي جلسي ۾ لکين سنڌي ماڻهو پهتا، ڇا انهن جو هاڻ لاڙو ايس-اين-اي ڏانهن ناهي. سائين منهنجي خيالن ۾ اهو سوال ئي غلط آهي. اڄ ڪلھ حيدرآباد ۾ سنڌين جي ڪوسن ۽ سنڌ دشمنن پاران موت ۽ لوٽ مار جي راڪاس گهمڻ ڪري ڏاڍو هراس آهي، خاص ڪري سنڌي ماڻهو تہ نڌڪن جيان پيا گهارين. اُت لکين سنڌي ماڻهن جو پهچڻ ان ڳالھ جو ثبوت آهي، تہ هو واقعي ايس-اين-اي کي پنهنجي رهبر تنظيم مڃين ٿا. جي ائين نہ هجي ها تہ لکين سنڌي هرگز موئن جي وادي هجڻ جي باوجود، نہ جمع ٿين ها. حيدر صاحب ان جي جواب ۾ جو ڪجھ فرمايو، ان سان ٻہ آءٌ متفق ناهيان. سندن جواب مان اهو مطلب ڪٿي سگهجي ٿو تہ بينظير صاحبہ جي حاليہ جلسي ۾ آيل سنڌين مان ڪيترن سنڌين جو تعلق ايس-اين-اي سان ٻہ ٿي سگهي ٿو. ◉ مصطفيٰ قريشي جو انٽرويو ڏاڍو وڻيو. ڪنهن انڊين اداڪار/ اداڪاره بدران، ڪنهن پنهنجي سهڻيءَ جي سونهن وڌائي، ان تبديليءَ غير ملڪي اداڪارن بابت پڙهڻ جي خواهش کي دٻائي ڇڏيو. قريشي صاحب کان سوال پڇندڙ تمام سٺا ۽ ڪارائتا

Gul Hayat Institute

گهڻجن لڳو آهي. بهتر آهي ته پنجاهه منٽن جي هن وقت ۾ بجيٽ کي صحيح استعمال ڪيو وڃي. اسان وري به عرض ڪنداسين ته لائيٽ ميوزڪ، پراڻو خاڪو ۽ ڳالهه ٻولهه کان علاوه هن پروگرام ۾ سنڌ جي نامور هستين کي به سڏي سگهجي ٿو، جهڙوڪ ايم اين ايز کي گهرائجي، سندس علائقن جي ترقياتي ڪمن ۽ سنڌ جي ثقافت بابت ڳالهه ٻولهه ڪجي. اسٽيج جي فنڪارن کي هر ضلعي مان گهرايو وڃي. سائنسي ۽ ٻيون ايجادون ڪندڙ ماهرن کي گهرايو وڃي. هارين ۽ مزدورن کي گهرايو وڃي، معذورن کي گهرايو وڃي، جيڪي پنهنجي همٿ سان معاشري کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن وقت 'همرچو' ۾ هال نظر نٿو اچي. ٣٠ آڪٽوبر تي جيڪو پروگرام پيش ڪيو ويو، انهيءَ ۾ رابعه نورين کي به پيش ڪيو ويو. اهو سمجهه ۾ نه آيو ته خالص سنڌي پروگرام ۾ هڪ غير سنڌي فنڪار کي پيش ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جنهن کي سنڌي ڳالهائڻ به نٿي آئي، ۽ جنهن ڪيترا ڀيرا چيو ته "سنڌي منهنجي زبان ڪانهي." هن کان ايترو به نه پڇو جو چوي ته سنڌي گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ملڪ جي هڪ صوبي جي زبان آهي. شايد فنڪارن لاءِ اهو چوڻ به ضروري آهي ته فلاڻو پروڊيوسر منهنجو استاد آهي، ۽ پوءِ انهيءَ پروڊيوسر جي تعريف ڪن. ۽ عاشق صاحب جو اهو چوڻ ته - حياتي رهي ته اسان احسان لاهينداسين. ڪهڙو احسان؟ يعني اوهان ڏڏ آهيو، پروڊيوسر مهرباني ڪري اوهانکي عزت بخشي. ائين به عاشق عارباڻي جي ڪمپيئرنگ هڪ ٻن پروگرامن تائين گوارا هئي. نه ته عاشق صاحب جا غلط اُچار، شاهه جا بيت غلط پڙهڻ، مؤنث کي مذڪر ۽ مذڪر کي مؤنث چوڻ يا سندس زوري مُرڪ - ڪابه ڳالهه متاثر نٿي ڪري. سندس اهو چوڻ ته عمر مارئي انڊيا ۾ سلور جبلي ڪئي، سابه ڳالهه صحيح ڪانهي. ۽ ارشد محمود جي ٻڌائڻ تي ته هو آمريڪا پيو وڃي ته عاشق صاحب چيس اسان جي لاءِ ۽ ملڪ لاءِ دعا گهرجانءِ. ڄڻ هو آمريڪا نه بلڪ مڪي مديني وڃي رهيو هو. ڪن فنڪارن جو اِهو به چوڻ آهي ته جيڪو اسڪرپٽ ۾ چاٿايل هوندو آهي، عاشق صاحب ان کان ٽڙيو وڃي، تنهنڪري فنڪار منجهيو پون. ◉ اقبال انصاري: 'روشن تارا' نيڪ ناڪ پروگرام آهي. اسان وري به اختياريءَ وارن کي گذارش ڪنداسين ته معصومن تي ڪهل ڪندي هن پروگرام جو وقت تبديل ڪيو وڃي. جمعي جي ١١ کان پوءِ يا وري مخزن کي جمعي جي صبح جو ۽ هن کي وري شام واري ٽرانسميشن ۾ آندو وڃي. اقبال سعيد ٻڌايو ته هو نئين ٽه ماهي ۾ وري نيون ۽ خوبصورت ڳالهيون ڪٺي سامهون ايندو. جهڙوڪ به ننڍڙا چامڙا جاڙا پائر، هن پروگرام ۾ هر دفعي هڪ خاڪو پيش ڪندا. ٻهراڙيءَ جي ٻارڙن جي تعليم جو انداز پڻ ڏيکاريو ويندو. هن صاحب ٻڌايو ته هڪ ڏينهن هو 'اي اين جي' منظور ڪرائڻ کان پوءِ ٻهراڙيءَ جي اٽڪل ١٢ اسڪولن جي ٻارن کان سوال جواب ڪري ايندو، ته جيئن شهر ۽ ٻهراڙي گڏ گڏ هلي سگهن ۽ ماڻهن کي شهري ۽ ڳوٺاڻي تعليم ۽ ٻارڙن جي خبر به پئجي سگهي. ◉علي رضوي: 'ايڪسڪيوزمي' هڪ رواجي مزاحيه پروگرام آهي، جنهن ۾ حد کان وڌيڪ آزادي استعمال ڪئي وئي، شايد اهڙي آزاديءَ بابت اسان سنڌي ليکڪ سوچي به نٿا سگهون. بهرحال هر طرف اسان کي اهو ضرور ٻڌڻ ۾ آيو ته 'ايڪسڪيوز مي' 'رَسُ چَس' تان متاثر ٿيل آهي، خاص ڪري خاڪن جي وچ ۾ 'انٽرڪٽنگ' وارو خاڪو، جيڪو پروگرام جو تسلسل قائم ڪرڻ ۾ وڏو سهارو بڻجي ٿو. رَسُ چَس جي انٽر ڪٽ ۾ به هڪ مڪمل خاڪو هوندو آهي، جنهنکي پنچ لائين به هوندي آهي، جڏهن ته هي بي مقصد ۽ گهٽ کلائيندڙ هوندو آهي. مزاحيه خاڪا لکڻ لاءِ ۽ اداڪار وڏائڻ لاءِ 'ففٽي ففٽي' جي مقبول جوڙي اسماعيل تارا ۽ زيبا شهناز کي پڻ لاهور مان هن پروگرام لاءِ گهرايو ويو آهي. اردو جو هي مزاحيه پروگرام فقط 'ڇڙواڳ' زبان جي ڪري ڏٺو وڃي پيو. ۽ ممڪن آهي نئين ٽه ماهي ۾ هيءُ بند ڪري هن جي جاءِ تي 'مسئلا مسالا' اقبال لطيف پيش ڪري. ◉ ٧ آڪٽوبر تي 'ڪلاسڪ ون' جي نالي سان هڪ تمام سٺو پروگرام پيش ڪيو ويو.

## تکڙيون خبرون

◉ نواب مهدي ولائت کان واپسيءَ تي پنهنجي ٽين سنڌي فلم 'جيئي لطيف' جي شوٽنگ ۾ حصو وٺي رهيو آهي، جڏهن ته پروڊيوسرن واري ڪيس ۾ غير حاضريءَ سبب نوڪري بحال ٿيڻ کان رهجي ويس. هاڻ ڏسون ته هي صاحب وڌيڪ فلمن جي ڪوشش ٿو ڪري يا ٽي وي پروڊيوسر ٿو ٿئي. ◉گلاب چانڊيو اسٽيج ويرائٽي پروگرامن ۾ ڪافي تجربو حاصل ڪري چڪو آهي. نومبر جي پهرين هفتي ۾ هوٽل انٽر ڪانٽينٽل ۾ هو هڪ بهترين اسٽيج شو پيش ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ ملڪ جا نامور فنڪار حصو وٺي رهيا آهن. ◉ حڪومت طرفان ڏيساور وڃڻ لاءِ اين او سي جي پابندي ختم ٿيڻ کان پوءِ، هڪ طرف هندستان جا هدايتڪار پاڪستاني اداڪارن کي پنهنجين فلمن ۾ ڪاسٽ ڪرڻ جي تيارين ۾ آهن، ته ٻئي طرف هتي جا ڪيترا فنڪار هندستان اُسرڻ جا سانپاها ڪري رهيا آهن. ◉ اقبال يوسف اردو فلم 'ڌماڪا' کي پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ ڊب ڪندو. جيسين سنڌ جا سرمائيدار سجاڳ ٿين، تيسين ڌاريا وري به سندن فلمون سنڌيءَ ۾ ڊب ڪري، اسان جي اسرندڙ انڊسٽريءَ کي تباهه ڪري ڇڏيندا. چو ته وڏن فنڪارن جون سنڌي فلمون اچڻ ڪري، سنڌ اندر ننڍن فنڪارن ۽ گهٽ سرمائي جون فلمون ڪير به نه خريندو. شل ڪو سجاڳ سنڌي سرمائيدار، هن طوفان کان اڳيئي پنهنجي انڊسٽريءَ کي بچائي، وڏائي ۽ لک ڪمائي، پر اسان وٽ جيستائين ڪو انهيءَ تي سوچي، لاهور ۾ سنڌي فلمون ٺهڻ به شروع ٿي ويئون آهن. هڪ 'آڪاڙ' آهي، جنهن ۾ سلطان راهي، مصطفيٰ قريشي، جاويد شيخ ۽ نيلي آهن. ٻي 'درياخان' آهي، جنهن ۾ مصطفي قريشيٰ، منصور بلوچ ۽ نيلي آهن. ٻئي فلمون سنڌيءَ سان گڏ پنجابيءَ ۾ به ٺهنديون.

سيد فدا حسين شاهه



# بمبئي جي ڊائري

◉ سري ديوي، فلم "ناڪابندي" ۾ ڌرميندر جي هيروئن آهي. جڏهن ته فلم جا ٻيا اداڪار چنڪي پانڊي ۽ سونم آهن. هن فلم لاءِ هڪ مزي جهڙو گانو ريڪارڊ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سري ديويءَ، مڌوبالا، آشاپاريک، مالا سنها، ممتاز، زينت امان سميت سڀني هيروئنز جو گيٽ اپ ڪيو آهي. جنهن ۾ انهن هيروئنز جا هيئر اسٽائل ۽ ڊريس اسٽائل واپرائي، سري ديوي هر روپ ۾ سهڻي لڳي آهي. ان گاني جو آئيڊيا شبو مترا ڏنو. پهرين خيال هو ته هر اداڪار جي تصوير ڏيکاري، پوءِ سري ديوي ان اداڪار جي روپ ۾ اسڪرين تي ايندي. پر پوءِ ڪن اداڪارائن جي بليڪ اينڊوائيٽ تصويرن جي ڪري، اهو فيصلو ڪيو ويو، ته تصويرن جي بدران، سري ديوي گاني ۾ جنهن اداڪارا جو نقل ڪندي، ان جو گاني جي ٻولن ۾ نالو به وٺندي. سري ديويءَ جيترين اداڪارائن جو گيٽ اپ ڪيو، ظاهري ڳالهه آهي، اوترائي سيٽ به لڳايا ويا. ۽ هن هڪ گاني تي تمام گهڻو خرچ ٿيو آهي. سري ديوي، آچر جي ڏينهن، هونئن شوٽنگ نه ڪندي آهي. پر خاص ان گاني لاءِ سري ديوي آچر جي سڄي ڏينهن به شوٽنگ ڪئي. سري ديوي سڀني هيروئنز جون مشهور فلمون ڏٺيون، ۽ انهن جي ڊريس، اسٽائيل جو مطالعو ڪيو. تنهن کان پوءِ گانو پڪچرائز ٿيو. فلم جي ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر ٻڌايو ته گاني تمام گهڻو خرچ ڪرايو آهي. پر اهو گانو تمام سٺو پڪچرائز ٿيو آهي. ۽ سري ديويءَ بهترين پرفارمنس جو مظاهرو ڪيو آهي. 'ناڪابندي' مڪمل ٿي جلد ريليز ٿيڻ واري آهي.

◉طوفان ۽ جادوگر جي ناڪاميءَ کان پوءِ به اميتاڀ جي اينڊز فلمن جو ماڻهن کي انتظار آهي. طوفان جي پريميئر تي جڏهن راجيش کنا آيو، ته اميتاڀ وڏي ساڻس هٿ ملائي چيس، "اچڻ جي مهرباني." جنهن تي راجيش کلي پنهنجي خاص انداز ۾ چيو "سڏڻ جي مهرباني". اميتاڀ جي اداڪاريءَ جي ساراهه ته مُڪل آنند تازو 'اگني پٿ' جي شوٽنگ جي دوران ڪئي. اگني پٿ جي شوٽنگ جو آخري شيڊول ختم ڪيو. جنهن ۾ مٿن ۽ نيلم تي هڪ گانو ۽ ڪجهه سين فلمايا ويا. 'اگني پٿ' ڏياريءَ جي موقعي تي ريليز ٿيندي. ياد رهي ته 'اگني پٿ' ۾ اميتاڀ جي هيروئن ماڌوي آهي. اميتاڀ جي فلم 'عجوبا' ٢٦ جنوري ١٩٩٠ع تي ريليز ڪئي ويندي. 'عجوبا' جي ڪاسٽ ۾ ڊمپل، رشي ڪپور ۽ سونم شامل آهن. عجوبا

وانگر نوڪرياڻين سان مستي ٿو ڪري. يعني ته هن جهڙو پيارو ماڻهو پوجا زندگيءَ ۾ نه ڏٺو. پوجا خود چوي ٿي ته هُو منهنجو ڊارلنگ آهي ۽ آءُ هن کان سواءِ رهي نٿي سگهان.“ پڙهندڙ پيو ڪجهه نه سوچين هيءُ پوجا جو ستن سالن جو ماٺيجو پاءُ آهي. جنهن جو نالو آدم آهي. ◉ جي پي دتا پنهنجين ٽن فلمن ’يتيم‘ ، ’هٿيار‘ ، ’بٽوارا‘ جي شوٽنگ راجستان ۾ ڪئي هئي. پر ٽئي فلمون فلاپ ويون. سو هاڻ انهن فلمن جو شڪار ٿيل فنانسرز ،ڊسٽريبيوٽرز ۽ سئنيما وارا پيا دعائون گهرن ته راجستان وارا جي پي دتا کي ريگستانن وٺي وڃن ۽ اتان اچڻ ئي نه ڏين.◉ تازو چنڪي پانڊي ۽ سونو واليا جو هڪ فوٽو سيشن ٿيو. جنهن مهل فوٽو گرافر ٻنهي کي فوٽو لاءِ تيار ڪري رهيو هو ، ته چنڪيءَ جي ماءُ فوٽو گرافر کي چيو ته فوٽو ائين نه ڪڍجان ، جو چنڪي ۽ سونو فلمي جوڙو لڳن ، پر فوٽو اهڙا هجن جو لڳي ته ڀاءُ ڀيڻ بيٺا آهن. اها ڳالهه ٻڌي ، چنڪي جي سڄي لُئي ئي ڦٽي وئي ، هن چيو ، ”مون کي جڏهن به ڪنهن ڇوڪريءَ جي چانس ملندو آهي ، ته ممي ائين ئي ٻيڙو ٻوڙيندي آهي.“ ◉ گووِندا جي ماءُ نرملا ديوي صبح جو ڀڄن ڳائيندي آهي ، تنهن تي ’سرتي گووِندا‘ نه پر سندس ڌيءَ نرمدا نچندي آهي. نرمدا ، گووندا جي ڊسڪو نمبرز تي به خوب ٿي نچي. هڪ رات ٻين وڳي ڀاهران ڪا ٽرڪ لنگهي ، جنهن ۾ ’حواحوائي‘ وارو گانو وڄو. نرمدا ننڊ مان گاني جي گوڙتي جاڳي پئي ۽ اٿي ڊانس ڪرڻ لڳي. گووندا سان مقابلي ڪرڻ واري نرمدا واحد ڊانس ڪندڙ آهي. جنهن کان هارائي گووِندا به خوش ٿيندو آهي.◉ ١٩ آگسٽ تي فلمي دنيا وارن جو مورچو ٿيو. جنهن ۾ عامر خان ۽ جوهي چاولا ساڌي نوَين رات جو پهتا ، مينا ڪشي بنا ميڪ اپ جي آئي. سندس چهرو موهيڙن سان ڀريو پيو هو. سونم اصل قتل ڪرڻ جهڙو لباس پائي آئي هئي. پر ان وقت ساڌيا رهن تي هئا. سو ڪيس ڏسڻ وارا گهٽا وچي ٻين سان مليا هئا. سونم جو سينگهار اجايو ويو. ◉مڪل آنندجي فلم ’هم‘ جي شوٽنگ تيزيءَ سان ٿي رهي آهي. اميتاڀ ۽ ڪميءَ شوٽنگ ۾ حصو ورتو. سيٽ تي جيا بچن ۽ اميتاڀ جا ٻار به ويٺا هئا. اميتاڀ ۽ ڪميءَ تي فلمايل هڪ گانو جيا بچن کي اهڙو وڻيو ، جو جنهن مهل اسڪرين تي ڪمي آئي ٿئي. جيا جوش مان وٺيو ٿئي تاڙيون وڄايون. ◉ پروڊيو سرٽي سوبارامي جي پٽ جي شادي مدراس ۾ ٿي. جنهن ۾ جيتندر ، سري ديوي ، ۽ مينا ڪشي شرڪت ڪئي. غراري سوٽ ۾ سري ديوي ٺڙي ٿي. شايد ان ڪري جو مدراس سندس جنم ڀومي آهي. ◉ جيتندر ، ڪمل هاسن جي تيلگو فلم ’اپوروا ساهودارارگال‘ ڏسڻ ٿي چاهي. ڇو جو سائوٿ ۾ انهيءَ فلم ڏاڍو نالو ڪمايو آهي. جيتندر ٽڪيٽن تي پيسا خرچڻ نٿي چاهيا. سو ڪمل هاسن کي چوائي موڪليئن ته ٽڪيٽون وٺي ڏي ته فلم ڏسان. ڪمل هاسن ڪوشش ڪئي ، پر سڀ شو هاؤس فل هئا. جيتندر ڪمل هاسن جي اهڙي فلم جي ٽڪيٽن جا به پيسا ٿو ڀري ، ۽ مفت ۾ ڏسڻ چاهي ٿو ، جنهن ۾ بهترين اداڪاريءَ تي ڪمل هاسن کي بي شمار ايوارڊ مليا آهن ، ته جيتندر اهو ڇو ٿو سوچي ته ڏسڻ وارا سندس نين بيڪار فلمن تي ڇو پيسا خرچ ڪن.





فرح

Gul Hayat Institute

# فرح

فرح

اداڪارا فرح، انڊين فلم انڊسٽريءَ جي هڪ اهڙي اداڪارا آهي، جيڪا جيتري حسين آهي، ايتري ئي بولڊ ۽ وات ڦاٽي ڇوڪري مشهور آهي. فرح جي اها نيچر آهي تہ هُوءَ ٻين هيروئنس وانگر ڊبل پاليسي نہ هلندي آهي. سڀ ڪجھ منهن تي صاف ۽ ڪليل اکرن ۾ چئي ڏيندي آهي. سو ان عادت ڪري فرح کي ذاتي ۽ فني زندگيءَ ۾ ڏاڍا نقصان رسيا آهن. فرح جي طبع ۾ اهو شر ۽ بغاوت، سندس زندگيءَ جي هڪ وڏي محروميءَ جو نتيجو آهي. فرح جو پيءُ جميل، پاڪستان جي چئن فلمن ۾ مرڪزي رول ڪري چڪو آهي، جن ۾ 'غرناطا'، 'وحشي' 'سزا' ۽ رياض شاهد جي 'يہ امن' شامل آهن. پر پوءِ جميل لڏي، انڊيا هليو ويو. ۽ اتي وڃي پنهنجي زال ۽ ٻن ڌيئرن فرح ۽ تبو کي ڇڏي ڏنو. تن ڏينهن ۾ فرح ۽ تبو اسڪول وڃڻ جهڙيون هيون. جميل وڃي ٻي شادي ڪئي. هينئر جميل حيدرآباد دکن ۾ جنت ريسٽورنٽ پيو هلائي. سندس ٻي زال مان بہ کيس ٻہ ڌيئرون آهن. اُتي جميل جي ٻي زال ٻڙدو بہ ڪندي آهي. تازو جميل اهو بيان ڏنو تہ هُن کي فرح کي ڌيءَ چوندي بہ شرم ٿو اچي.

جنهن جي جواب ۾ فرح اهو جواب ڏنو تہ "هو اسان کي بنا سهاري ڇڏي ويو. ان مهل کيس شرم ڪونہ آيو." ان جملي مان ئي فرح جي ذهني اوسر جي خبر پوي ٿي. فرح ننڍپڻ کان ئي ڏاڍي تيز ۽ وڙهندڙ هوندي هئي. جڏهن تہ سندس ننڍي ڀيڻ تبو ڏڄڻي ۽ معصوم ڇوڪري آهي. هڪ ڀيرو ڪلاس ۾ هڪ هندو ٽيچر، مسلمانن لاءِ ڪا غلط ڳالھ چئي. فرح بنا سوچي سمجھي اُتي ٽيچر کي چيو تہ مسلمانن کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائين. ائين چئي پوري ڪلاس اڳيان ٽيچر کي ٻہ زوردار ٿڦڙ هڻي ڪڍيائين. ٻيو ڀيرو وري فرح ۽ تبو رستي تان ويون پئي تہ هڪ پوليس واري ساڻن مسخري ڪئي. جنهن تي فرح ان کي ڏاڍا موچڙا هنيا. فرح جوڊي ڪراٽي جي ماهر آهي. ۽ بليڪ بيلٽ آهي. فرح کي اداڪاريءَ جو شوق هو. سو هُوءَ ديو آنند سان ملي. جتي سندس ڪئميرا ٽيسٽ ورتو ويو. ديو آنند وٽ ئي يش چوپڙا، فرح جون تصويرون ڏٺيون، ۽ 'فاصلي' لاءِ کيس پنهنجو آئيڊيل ملي ويو. يش چوپڙا پنهنجي فلم فاصلي لاءِ گلوڪار مهندر ڪپور جو پٽ روهن ڪپور هيرو کنيو، ۽ هيروئن فرح ٿي. جڏهن ٻنهي جو فوٽو سيشن ريليز ٿيو تہ فرح جي ڌوم مچي وئي. فرح اهڙي تہ سهڻي ٿي لڳي، جو هٿ لڳڻ سان مَيري ٿئي. 'فاصلي' ريليز ٿي مناسب بزنس ڪيو. پر جيتري ڪاميابي فلم کي ملڻ گهرجي ها اوتري نہ ملي. 'فاصلي' هر لحاظ کان معياري ۽ سٺي فلم هئي. خاص ڪري فرح اهڙي تہ سٺي پرفارمنس جو مظاهرو ڪيو، جو پهرين ئي فلم ۾ سندس پيڙھ پڪي ٿي وئي. ۽ فلم انڊسٽريءَ ۾ سندس پير ڄمي ويا. پران لال مهتا جي فلم 'لَو 86' روماني ميوزيڪل فلم هئي. جنهن ۾ پڻ فرح جي خوبصورتي ۽ اداڪاريءَ سڀني کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جڏهن تہ پران لال مهتا هاڻ پنهنجي هر فلم ۾ فرح کي سائن ڪندو آهي. لَوِ 86 ۾



Gul Hayat Institute

فرح انگلش ڊريسز ۾ واقعي حور پئي لڳي. لو 86 ڪامياب وئي ۽ 'پالي خان' ناڪام وئي. 'ايماندار' ۾ فرح جو هيرو سنجي دت هو. فرح فلم جي جان هئي. فلم جي هڪ گاني 'اور اس دل ۾ ڪيا رڪا هي' ۾ فرح جي پرفارمنس ڏسڻ وٽان هئي. انهن ڏينهن ۾ هڪ افواه پکڙي ته فرح ۽ سنجي دت جو افيئر پيو هلي. فرح ان ڳالهه جي پُرزور ترديد ڪئي ۽ سنجي دت کي راکي ڌياري موڪلي. ائين اهو افواه اتي ئي ختم ٿي ويو. پران لال مهتا جي ٻي فلم 'مرتي دم تڪ' ۾ فرح جو هيرو گووِندا هو. فلم ۾ فرح حقيقي رول يعني جوڊي ڪراٽي جي ماهر ڇوڪريءَ جو رول ڪيو. فلم جي هڪ گاني ۾ فرح ڊانس جو ب بهترين مظاهرو ڪيو. 'دل جلا' ۾ وري فرح جو هيرو جيڪي شيروف هو. 'دل جلا' ۾ ب فرح جو ڊانس سٺو هو. پر 'مَرتي دم تڪ' سپر هٽ وئي ۽ 'دل جلا' فلاپ وئي. ڪي ٻپيا جي فلم 'گهر گهر ڪي ڪهاني'، پراڻي بيلڪ اينڊ وائيٽ فلم گهرانا (راجندر ڪمار، آشاپاريک، راج ڪمار) جو نقل هئي. فلم ۾ فرح، آشاپاريک وارو رول ادا ڪيو هو. سندس هيرو گووِندا هو. گهرو ڪهاڻيءَ تي ٺهيل هيءَ فلم ڪامياب ويئي. فلم ۾ فرح جي معصوم حسن اصل موهي وڌو. پرڪاش مهرا جي 'محبت ڪي دشمن' ۾ حسن جي ديوي هيما سان گڏ فرح ائين ٿئي لڳي، ڄڻ موتئي جي گل سان گڏ مُکڙي. فرح فلم ۾ تمام سٺي پرفارمنس ڏني. سندس هيرو سنجي دت هو. عامر خان جي پيءُ طاهر حسين جي فلم 'همارا خاندان' ۾ رشي ڪپور سان فرح جي اداڪاري ڏسڻ وٽان هئي. ان فلم کان پهرين رشي ڪپور سان فرح کي سي بوڪاڊيا جي فلم 'نصيب اپنا اپنا' ۾ ب فرح پاڻ کي چڱو ملهايو. ۽ 'همارا خاندان' ۾ فرح ثابت ڪيو ته هن جي اداڪاريءَ جو پنهنجو ئي اسٽائل آهي. 'حلال ڪي ڪمائي' هڪ عام ۽ معمولي فلم هئي. جنهن ۾ فرح ۽ گووِندا کي ضائع ڪيو ويو هو. جڏهن ته 'زنده جلادونگا' ۾ ب فرح ۽ گووِندا جي جوڙي هئي. فلم ۾ فرح فن جي بلندين تي هئي. پر ٿرڊ ڪلاس ڪهاڻي جي ڪري اها فلم فلاپ ويئي. پران لال مهتا جي فلم 'وه ڦِر آئي گي' هڪ انگلش ناول تان ٺهيل هُئي. هن ۾ فرح جو هيرو راجيش کنا هو، ۽ اهو رول فرح جي زندگيءَ جو يادگار رول هو. جنهن ۾ فرح دل کولي پنهنجي اداڪاريءَ جو اظهار ڪيو. 'يتيم' ۾ سني ديول سان فرح هڪ ڀيرو وري اعلي پرفارمنس ڏني. فلم جي هر سين ۾ فرح جي اداڪاريءَ کي ساراهيو ويو. 'ميري زبان' ۾ فرح جو هيرو مِٿن هو. فرح پنهنجو رول بخوبي نڀايو. فلم 'نقاب' ۾ فرح رشي ڪپور ۽ وجيندر سان آئي. ڊبل رولز ۾ فرح ثابت ڪيو ته اداڪاري ۽ ٽيلنٽ، گليمرس هيروئنس جو ورثو نه آهي. در اصل نقاب، بليڪ اينڊ وائيٽ سپر هٽ فلم 'وه ڪون ٿي' (منوج ڪمار،



ساڌنا) تان ئي متاثر ٿي ٺاهي وئي هئي. جنهن ڪري فلم فلاپ وئي. خود فرح کي 'نقاب' جي ڪامياب ٿيڻ جي پڪ هُئي. فلم ۾ فرح اداڪاريءَ جي لحاظ کان اڳري هئي، ڪيس تمام سهڻو ايڪسپوز ڪيو ويو هو. 'رکوالا' ۾ فرح، انيل ڪپور جي هيروئن ٿي. فلم ۾ جيتوڻيڪ فرح ٿلهي ڏسڻ ۾ آئي، پر پاڻ وري حيدرآبادي ٻوليءَ ۾ واه جي ڊائيلاگ ڊليوري ڪيائين. 'رکوالا' جي ڪاميابيءَ جو ڪريڊٽ ته انيل ڪپور کي مليو. پر فرح جي اداڪاريءَ کي ب خوب ساراهيو ويو.

فرح جي ذاتي زندگي هميشه تنقيد جو نشانو بڻجندي رهي آهي. سندس پهريون افيئر پروڊيوسر راجيش سيٺي سان هليو. فرح اهو ب چيو ته هُوءَ جلد راجيش سيٺيءَ سان شادي ڪندي. ايستائين جو پروڊيوسر راجيش سيٺي جي فلم 'جِينَي دو' جو مهورت ٿيو ته مهمانن جو استقبال خود فرح ڪيو 'جِينَي دو' جي هيروئن ته فرح ئي آهي ۽ هيرو سنجي دت. ان افيئر جي ڪري فرح پنهنجي پوڙهي سيڪريٽريءَ کي ب ڪڍي ڇڏيو. سيڪريٽريءَ سبب اهو ٻڌايو ته مون فرح کي راجيش کان بچائڻ چاهيو ٿي. ڇو ته هو وڏو بدمعاش آهي. پر فرح چيو ته پوڙهو سيڪريٽري بنا منهنجي پڇڻ جي، پروڊيوسرن کي تاريخون ڏيندو هو. ۽ هر ڳالهه ۾ ٽنگ ڦاسائيندو هو. سو مون کيس ڪڍي ڇڏيو. پر جلد ئي راجيش سيٺي جي فلرٽ ٽائيپ طبع جي فرح کي خبر پئجي وئي. سيني کي فرح تي حيراني هئي ته فرح جهڙي هوشيار ڇوڪري ان ٻُجڙي ۽ بدشڪل راجيش کي ڪيئن ٿي چاهي. پر نيٺ فرح راجيش سيٺي جي ڪچي چٺي کان واقف ٿي، ڪانس پري ٿي وئي. انٽرويوز ۾ فرح راجيش کي دل کولي گاريون ڏنيون. جڏهن ته فرح اڃاتائين راجيش جي فلم 'جيني دو' ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جيڪا اٽڪل مڪمل ٿي چڪي آهي. فرح ۽ تبو 'قيامت سي قيامت تڪ' ڏسڻ جڏهن هڪ سئنيما ۾ ويون ته اتي تبوءَ فرح جو تعارف وِندو سنگهه سان ڪرايو. جيڪو تبوءَ سان گڏروشن ترنيجا وٽ اداڪاريءَ جا ڪلاس اٽينڊ ڪندو هو. وندو سنگهه، اداڪار دارا سنگهه جو پٽ آهي. هو ڏانهن وِندو سنگهه فرح تي مرندو هو. سو آخر هاڻ ٻئي هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ڪن ٿا. فرح في الحال شادي ڪان ڪندي. البت هُوءَ وندوءَ کي فلمن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري پئي. جيئن بي آر اشارا وِندو ۽ فرح کي فلم 'ديوانا عاشق' ۾ سائن ڪيو. فرح ئي هيرولاءِ وِندوءَ جو نالو ڏنو هو. ايستائين جو فرح پنهنجو معاوضو ب گهٽائي ٿورو ورتو. پر پوءِ پروڊيوسر چيو ته جيئن ته هو اووربجٽ جو شڪار ٿي پيو آهي. سو فرح گهٽ قيمت ۾ ڪم ڪري، فرح اهو ب قبوليو. ۽ فرح پنهنجي

Gul Hayat Institute

# SHAH LATIF TOWN

## شاه لطيف ٽاؤن

روز مره زندگيءَ جي
سڀني ضروري آسائشي ۽ سهولتن سان
سينگاريل ۽ سنواريل هڪ جديد ۽ مڪمل
رهائشي اسڪيم آهي، جيڪو حيدرآباد جي وچ
(110 فٽ ويڪري رستي، آٽويان روڊ تي، فتح چوڪ جي
ڀرسان آهي.

Gul Hayat Institute

**Sponsored By:**

delta builders & Developers

**NEAR CAFE GEORGE, RISALA ROAD, HYDERABAD PHONE: 20228**